

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الا مان اُڏري ويندو سانءِ

(شاعري)

منصور ملڪ

سنڌ ادبي اڪيڊمي

سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪتاب جا حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: الا مان اڏري ويندو سانءِ
موضوع: شاعري
مصنف: منصور ملڪ
ڪتاب نمبر: 11
ٽائيٽل ڊزائين: جي.اين قاضي
ڇاپو پهريون: سيپٽمبر 1999ع
ڇپائيندڙ: سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي
فون: 7782597
ڇپيندڙ: الجنت پريس فون: ٧٧٧٣٣٨٠
ڪمپوزنگ: ورڊس ڪمپوزر
6/92، غفور چيمبرس، عبدالله هارون روڊ
صدر ڪراچي فون: 7771618

قيمت: -/ 100 رپيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وائي

ڀونءِ نہ آئــي ڀـــانءِ،
الا مان اڏري ويندو سانءِ!
مون سان جاڙ نہ ڪر اوجيڏا ، سچ ٿو آءُ چوانءِ،
الا مان اڏري ويندو سانءِ!
ڳائي مُنهنجا گيت پيو پو، مونکي ياد ڪجانءِ،
الا مان اڏري ويندو سانءِ!

شيخ اياز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا

- جيجل امڙ جي نان ءُ
جيڪا مٽيءَ ماءُ جي جهوليءَ ۾ آرامي آهي.

- پنهنجي ننڍي ڀاءُ "بابوءَ" جي نانءُ
جيڪو وقت کان اڳ اسان کان وڇڙي ويو.

- بابا سائينءَ جي نانءُ
جنهن جي ڀاڄهہ جو هٿ اڄا تائين مون مٿان آهي.

۽

- هُن جي نانءُ
جيڪوئي مُنهنجي شاعريءَ جو محور آهي
جنهن جو ڪو بہ نانءُ نہ آهي
جنهن جا الاهي نانوَ آهن –
جن جي ڇانوَ مون مٿان
سدائين رهي ٿي.

منصور ملڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترتيب

1. خام خيال	ستار	7
2. مهاڳ	رکيل مورائي	11
3. تون هي تون	منصور ملڪ	21
4. غزل		33
5. وايون		113
6. نظم		133
7. هائيڪا		152
8. آزاد نظم		155
9. قطعات		165

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خام خيال

ڏات، ڏانءَ جي محتاج نہ ٿيندي آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن ڏانءُ، ڏات جو ڳيجهو ٻٽبو آهي. ڇاڪاڻ تہ ڪيترائي خيال، خوبصورت روپ وٺڻ لاءِ آتا هوندا آهن، پر ڏات جي ٽيڪ نہ هئڻ ڪري، بنا ٽڙڻ جي مرجهايل مڪڙيون بڻجي، گهوماتا ڪائي ڪائي، نيٺ ساٿا ٿي، ڇٽي، فضا ۾ وکري ويندا آهن. جيتوڻيڪ لفظ پٽ ڳيرن جيان ڳٽڪاريون ڪندا، جهلن ۾ مصراعن جي ڪوڙڪين مٿان ڦيرا پائيندا رهندا آهن، پر اهي ڪوڙڪيون ڏات جو ڏڍ ۾ چاڙهہ نہ ملڻ ڪري، انهن پٽ ڳيرن کي جهٽي نہ سگهنديون آهن.

جڏهن ڏات ۾ ڏانءَ جو سنجوڳ ٿيندو آهي تہ خيالن ۾ جڏبن جو اظهار لفظن جي مالهائن مان ٿيڻ لڳندو آهي. پوءِ اهي لفظ پيار ٿيندا آهن، پريانءُ ٿيندا آهن ۾ ڪڏهن نفرت جو نماءُ ڪندا آهن ۾ اسان جي دوست بدر قريشيءَ چوائي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جڏهن پي لکيا
لفظ جاڳي پيا.

پوءِ جڏهن لفظ جاڳي پوندا آهن تہ انسان جون ننڊون نهوڙي نيندا آهن ۽ خوبصورت نظم، بهترين نثر جنم وٺندا آهن. انهن کي پنهنجي اندر جي آويءَ ۾، پيڙائن ۽ پوڳنائن جي توَ تي سيڪي، ريٽو ڪري، جڏهن ڪو شاعر، اديب، لفظن ڪان ڳالهارائيندو آهي تہ هر پڙهندڙ جي اندر ۾ چپ هٽي ويٺل گونگن جذبن ۽ اڌمن کي اظهار خاطر هڪ سهارو ملي ويندو آهي. انسان کي هر وقت ڪنهن نہ ڪنهن سهاري جي ضرورت پوندي آهي. ان سهاري ڏيڻ لاءِ ڪڏهن ڪن ٻانهن جي وراڪي جي ضروت محسوس ٿيندي آهي تہ ڪڏهن سندر گيت، غزل يا ڪنهن نظم کي سهارو بڻائي، انسان ڏک جا ڏونگر ڏاري وڃهندو آهي.

"آڏو تڪر تر، متان روهہَ رُتيون ٿئين."

هاڻ اها سڄي تمهيد جنهن لاءِ ٻڌي اٿم، اهو آهي اسانجو دوست "منصور ملڪ"، جنهن وٽ جڏهن عشق آرائينءَ جيئن جهول پري آيو تہ هن ست بسم الله پڙهي، ان جي آجيان ڪئي. پوءِ ٿيو ڇا؟

لڪل عشق منهنجو ٿيو نيٺ ظاهر،
محبت جا اڌمان اتاري ڇڏيئي
ٿيو جلوو تنهنجو جڏهن کان پرين آ،
مٺي ننڊ منهنجي اُڏاري ڇڏيئي.

جڏهن نينهن، نسنگ تي نروار ٿيندو آهي تہ عاشق کان ڇاڇا نہ وسري ويندو آهي ۽ کهڙا ڪهڙا الهامَ تيڻ لڳندا آهن.

شاعري نازل ٿئي ٿي،
عشق جو الهامُ ٿي ويو.

اسان جو هي معصوم ٻارن جهڙو يار، ٿوري تي ريجهي پوڻ واروهوندو آهي. هن کي ريجهائڻ لاءِ ٻاند ڳچيءَ ۾ پائڻ جي ضرورت نہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوندي، ڇو جو ڪيس هريرو رُسڻ جي عادت ڪانهي. شيخ اياز جي هن بند جيئن:

جي نہ ريجهي رنو تہ پاند ٻڇيءَ پاءِ،
نينگري تو ڪيا گهٽا ئي ناٽ-

هي اسان جو دوست، پنهنجي پڙهائيءَ جي پياس ٻجهائڻ لاءِ تاشقند وڃي سهڙيو هو ۽ هر حسن جي پرستار جيان ۽ سونهن جي شيدائين جيان، ڪيترين تان فدا بہ ٿيو ۽ نيٺ جدا بہ ٿيو. پوءِ ڪٿي تاشقند (روس) ۽ ڪٿي سنڌ. هتي وري حسن جا حملا ئي نرالا تہ نينهن جا نيزا بہ نوان. سو اسان جي دوست کي هي ڪجهہ محسوس ٿيڻ لڳو.

نہ موت ئي اچي ٿو، نہ ڪا موٽ آئي،
انهيءَ حال "منصور" مرندي ڏٺوسين.

هُتي تاشقند ۾ تہ هٿي هر ڪنهن کي آزادي، اُتي حسن بہ خيالن جيان آزاد هوندو آهي ۽ اسان وٽ، سنڌ ۾ خيالن تي بہ پهرا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ بہ هن يار پنهنجي خيالن کي ڪافي اڏاريو آهي ۽ هي بہ سرجيو اٿس؛

منهنجو مذهب ۽ ايمان تون ئي پرين،
دين پنهنجو مٺڻ، ڪا چڱي ڳالهہ آ.

عشق جڏهن ڌرم بڻجي ٿو وڃي تہ مذهب جون سموريون رسمون تڇ سمان ڀاسڻ لڳنديون آهن. پوءِ عاشق جو هي حال ٿيڻ بہ ڪا حيرت جي ڳالهہ نہ لڳندي آهي.

اسان هڪڙي بوسي جي بدلي ڪيون هن،
اي "منصور" سِر جون سخائون سخائون.

عاشق سخي ٿيندو آهي، ڪڏهن بہ ڪو عاشق موذي نہ ٿيندو آهي. اسان جي دوست منصور ملڪ وٽ بہ سخاوت آهي.

آخر ۾ مان اوهان کي ٻڌائيندو هلان تہ ڄيتوٽيڪ منصور ملڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترن پڙهندڙن لاءِ نئون آهي، پر هو نئون نڪور به ناهي، هن ايل.ايم.سي ڄامشورو ۾ پڙهائيءَ دوران، شاعريءَ سان ناتو ڳنڍيو هو. اها جاءِ ئي اهڙي آهي، جتي حسن تي ڪوبه پهرو نه هجي، جتي ڇوڪريون يونيورسٽيءَ ۽ پوپٽن جيان ڇوڪرن جي چوڌاري ڦيرا ڏينديون هجن ته ڪنهن کي ڪاريءَ ڪاڏو آهي جو انهن کان نظرون چورائي سگهي. انهيءَ حسن ۽ سنڌ جي سورن جو ميلاپ ٿيو ته عبدالقيوم ملڪ، "منصور" ملڪ بڻجي دوستن اڳيان نروار ٿيو. هن اتي ڪاليج جي ميگزين ايڊٽ به ڪئي ۽ ان وقت جي رسالن ۽ اخبارن ۾ سندس شاعري ڇپجڻ لڳي. اڄ اها ۽ ڪجهه نڪور لکت سهيڙي اوهان جي هٿن ۾ "الا مان اڏري ويندو سانءِ" جي نالي ڪتابي صورت ورتي، اوهان سان ڪجهه وندڻ ٿو چاهي، اميد ته اوهين ڪيس نراس نه ڪندا.

سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي، پنهنجو يارهون ڪتاب، "منصور" ملڪ جي اظهار کي ڏنو آهي. اميد ته پڙهندڙ جوڳي موٽ ڏيندا.

ستار

ڪراچي
۱۴ سيپٽمبر ۱۹۹۹ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ

ڊاڪٽر عبدالقيوم ”منصور مَلڪ“ کي مان تڏهن ڪان سڃاڻان جڏهن هو سوويت يونين تاشقند يونيورسٽيءَ ۾ اعليٰ تعليم پڙهڻ لاءِ ويل هُئو ۽ اتان سائين راشد مورائيءَ کي ڊگها ڊگها خط لکندو هُئو. هو شاعر بہ آهي، اها خبر مونکي ڪُجهہ دير سان پئي. پرسندس خط هڪ دور جي سفري تاريخ هُئا! (افسوس جو اهي سمورا خط سائين راشد ڪان هيٺ مٿي ٿي ويا) ۽ انهن خطن مونتي اهو اثر ڪيو جو آنءَ سندس پرپٺ دوست بڻجي ويس. جيتوڻيڪ هو مونکي نہ سڃاڻندو هُئو! ۽ مان بہ اڃا ننڍو ٻار هوس ۽ لکڻ مس شروع ڪيو هوم. انهيءَ دور ۾ سندس لکيل خطن جي مفهوم سان مان تڏهن بہ سهمت ڪونہ هوس ۽ هاڻ بہ نہ آهيان (جڏهن تہ منصور پاڻ بہ اهو ڪو نہ رهيو آهي) پوءِ بہ انهن خطن ۾ جيڪا معلومات هوندي هُئي، اها منهنجي ننڍي ذهن کي سَچَ پچَ اڇرج ۾ وجهي ڇڏيندي هُئي. مون لاءِ اهي خط سندس پهرين سڃاڻپ هُئا. جيڪا پندرهن ويهن سالن ڪان پوءِ بہ برقرار آهي. ويجهڙ ۾ هڪ عجيب اتفاق ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جي هفتيوار گڏجاڻين ۾ ڪجهه وقت غير حاضريءَ ڪان پوءِ اچڻ ٿيو. رجسٽر تي "منصور ملڪ" نالو پڙهي ڪجهه عجب لڳو ۽ ذهن تي وري سندس خطن جي ياد تازي ٿي وئي. ائين ٻيءَ گڏجاڻي ۾ مون سائٽس هٿ ملائي چيو "اوهان منصور ملڪ آهيو نه ؟" هُن جي ها چوڻ تي مون ڪيس پنهنجو تعارف ڏنو هئو ۽ ڪجهه ئي ملاقاتن بعد ائين محسوس ٿيو ڄڻ سالن ڪان ملندا رهيا آهيون. بس ڪجهه سال وچ ۾ وٿي پئجي وئي هئي سندس اڳ واري سڃاڻپ ۽ اڄ هو ڪٿي بيٺو آهي! اڄ اسين گهٽي ياڳي هڪ ٻئي جي خيالن جي بنهه ويجهو هئاسين ۽ ٻيءَ ڪچهريءَ ۾ ايترو ويجهو ٿي وياسين جو وچ وارو ڪُجهه سالن جو مُفاصلو پنهنجي اهميت وڃائي ويٺو.

اها ويجهڙائي به عجيب ڄڻجي، اهو به اتفاق ڄڻجي ته "منصور" ان بستري تي هُئو، جنهن بستري تي ڪجهه ئي وقت اڳ مرشد اياز پنهنجي زندگيءَ جا اهم انڪشاف ڪيا هُئا! ۽ ذري گهٽ پنهنجي پوئين سموري فڪري وابستگيءَ تان هٿ ڪڻي ڇڏيو هُئو. بلڪل ائين"منصور ملڪ" ان ساڳئي ڪمري ۽ ساڳئي بستري تي ڪُجهه لفظن جي ڦيرڦير سان ساڳي ٻولي ڳالهائي هُئي ۽ بلڪل ساڳيءَ طرح پنهنجي پوئين وابستگيءَ تي ڪراس لڳائي ڇڏيو هُئو!

7777281 ۽ پريان ڪنهن ننڍڙي ٻار جو آواز آيو هيلو!! مون نمبر وري ورجايو .. ۽ ننڍڙي سڏ ڪري رسيور ڪنهن ٻئي کي ڏنو هيو، ادا مان "رڪيل مورائي" تو ڳالهايان، ڊاڪٽر "منصور ملڪ" سان ڳالهائي سگهجي ٿو؟ ۽ پريان مردانو آواز آيو، " سائين!، ڊاڪٽر صاحب کي دل جو دورو پيو آهي. هو ستن ڏينهن کان جناح اسپتال جي دل واري شعبي ۾ آهي. مان حيران هوس ، ان ئي شام جو ڪارڊيو ويسڪيولر C.C.U- 2 ۾ بيڊ نمبر6 تي مان "منصور ملڪ" سان ڪچهري ڪري رهيو هوس. هو ان ئي جڳهه تي هُئو، جتي ڪجهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عرصو اڳ مرشد اياز هئو ۽ جتي ٺي مان ۽ ڪلثوم ساٿس ملڻ ويا هئاسين ۽ هُن زندگيءَ جي ڪجهه نون رُخن جي آگاهي ڏني هئي. اياز شايد گهٽي ۾ گهٽ به ان انيڪ ڪان پوءِ ٺي لکيو هُئو. اڄ "منصور ملڪ" به ان جڳهه تي آهي ۽ شايد گهٽي شاعري به ڪئي اٿائين گڏوگڏ اهو انڪشاف به ڪيو اٿائين ته هيءَ شاعري مونکان ڪاٻي طاقت لکرائي رهي آهي. جنهن کي سهيڙي نالو ڏنو ويو آهي " الا مان اڏري ويندوسانءِ" ڪڏهن ڪڏهن اتفاق هڪجهڙا ٿيندا آهن.

"منصور ملڪ " کي سندس هن تجربي مان جيڪي پڙ پيو آهي، اهو ٺي سندس گيان (علم) آهي جنهن مان ٺي سندس روحاني اسانَ پجهڻ واري آهي، جو ته روحاني ۽ سچائي واري تعليم هِتان هُتان ڪانہ ملندي آهي، خاص ڪري ان ماڻهوءَ کي جنهن جو واسطو/ سلسلو منصور حلاج جي پوئلڳن سان ملندو هجي، هُن ماڻهوءَ جي روحاني تسڪين يا" ڪوءِ يارِ ۾" آهي يا" سوءِ دار ۾" آهي ۽"منصور ملڪ" في الحال پهريون رستو قبوليو آهي. جنهن سان سندس اڄ جو جيون سڦلو ٿيڻ جي اميد وابستا آهي ۽ جنهن جوئي هي ڪرشمو آهي جو "منصور ملڪ" هڪ مهيني اندر اسانکي شاعريءَ جو هڪ سُهڻو ڪتاب ڏنو آهي، هن موقعي تي مون کي اياز جي هڪ سِٽَ ياد اچي رهي آهي.

عشق اسان وٽ آرائينءَ جيئن آيو جهول پري.
ڪوئي ڪيئن ڪري.

ساڳي وقت "منصور " جو هڪ شعر به ايري آيو آهي،

هُئي ڏاڍي بيچين حياتي،
"هُن" جي آئي نيٺ ڪلڻ ٿيو.

"هُن" لفظ کي سمجهڻ گهرجي ۽ جڏهن اهو سمجهه ۾ اچي ويو تڏهن منصور جي شاعري جو وڏو حصو سمجهه ۾ اچي ويندو.

سوهي، سوهو ، سوپرين سوپساهہ.
(شاهہ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀٽائي جي سٽ وانگي منصور جي شاعريءَ جو محور "هو" آهي، ان ڪري "منصور" پنهنجي شاعريءَ جي سمورن اشارن، ڪناين، تشبيهن ۽ تمثيلن ۾ "هُن" سميت موجود آهي. ۽ "هو" ئي آهي جو سندس شاعريءَ جي هر رنگ ۾ نمايان آهي.

منصور ملڪ اڄ جتي آهي ان مان اهو اندازو لڳائڻ آسان آهي منجهس قدرتي شاعرائي ذات تہ موجود هُئي، پران جو ظهور "هُن" کي پسڻ کان پوءِ ئي ٿيو آهي، ائين آهي ڇا تہ "منصور" ملڪ کي ڪجهہ ٻيو بہ ڪپندو هُئو؟ جنهن جي حاصلات ڪيس ڪٿان کان ڪٿي پهچايو آهي. (ذهني ۽ نظرياتي طور) پر ڪيس جيڪي ڪجهہ جتان ملڻو هُئو، اهو ڪيس اتان ئي مليو آهي. ڇو تہ سندس سموري شاعري پڙهڻ کان پوءِ مان جنهن نتيجي تي پهتو آهيان، اهو هيءُ آهي تہ: ڪيس جتان جيڪي ڪُجهہ ملڻو هُئو اهو ملي چڪو هُئو." هُن" وٽان ڪيس جيڪي مليو آهي، اهو بنهہَ الڳ ٿلڳ آهي. ڪيس اڳيرِ جتان بہ ڪُجهہ مليو اها سندس مستقل منزل ڪانہ هُئي. اها وقتي مهمان سراءِ هُئي. جنهن کي بہ "منصور ملڪ" ذاتي اعتماد سان اظهاريو آهي. سندس پراعتماد پرساڳئي وقت بنهہ سادگيءَ واري اظهار پويان سندس دل کي لڳل گهري گهاءَ جو لِڪڻ ممڪن نہ رهيو آهي ۽ اهو گهاءُ ئي آهي جيڪو هن جي شاعريءَ جو جنم داتا آهي جيتوڻيڪ هن پنهنجي نظرياتي وابستگيءَ وقت بہ ڪُجهہ لکيو جيڪو بہ هن ڪتاب ۾ شامل ڪيل آهي پرسندس تازي شعر ۽ پوئين شعر ۾ رات ڏينهن جو فرق آهي، سندس پوئين شاعريءَ ۾دماغ جو دخل آهي ۽ تازيءَ شاعريءَ ۾ دل جو درد آهي. هونئن شاعري اها محبوبہ آهي جو هر شاعر چاهيندو آهي تہ سندس پيشانيءَ تي لٽڪندڙ چنبيليءَ جهڙين ڇڳن کي ڇُهي سگهي، سندس گلابي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي جهومي سگهي، سندس نگاهن جي خمار کي پنهنجي اکين جي پيالن ۾ اوتي سگهي، سندس ڳاڙهن چپن کي چُمي سگهي، سندس سرير کي ڀاڪر ۾ ڀري بادلن جي بلندين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين ڪٿي وڃي ۾ جڏهن سندس چپن تي مرڪ ايندي آهي تڏهن ڪائنات جهومي اٿندي آهي.

"منصور ملڪ" جي شاعريءَ ۾ سندس خانگي درد ڪُجهه وڏيڪ جڳهه والاري آهي، اهو ان ڪري به جو هر تخليقڪار جي سرجڻ پويان هُن جو خانگي درد ئي آهي، جو بنيادي اهميت رکي ٿو. هونئَن سندس سموري شاعري پڙهبي ته ان ۾ گهر جو غم، ڳليءَ جي ڳڻتي، ديش جو درد، انسانيت جي ڪرندڙ حالتن تي افسوس جو اظهار به ملندو.

هڪ امڪان اهو به آهي ته اڄ جو سنجيده پڙهندڙ "منصور ملڪ" جي سموري شاعري پڙهڻ ڪان پوءِ اهو چوي ته شاعر صنفن ۾ موضوعن جو توازن برقرار نه رکي سگهيو آهي؟ ته ان لاءِ وري به هن شاعريءَ ڪي ۾ شاعر ڪي سندس ارد گرد ڏسڻو ۾ جا چٽو پوندو، مٿين حوالي ۾ مان هڪ وضاحت ڪندو هلان ته اسان جي هن شاعر دنيا جي مختلف ٻولين جي ادب جو مطالعو ڪيو آهي ۾ ڪافي ٻوليون ڄاڻي به ۾ گهٽائي ملڪ گهمي به آيو آهي، خاص ڪري اولهه وارا ملڪ ، ان سموري روئداد هن شاعرتي ادبي طور اهو اثر وڌو آهي جو هو پنهنجي شعري صنفن سان انصاف نه ڪري سگهيو آهي. مثال طور سندس وايون صنف جي لحاظ ڪان وايون آهن پر موضوع جي لحاظ ڪان نظم جي ويجهو آهن، سندس ڪجهه غزل به غزل جي فارم ۾ لڪيل نظم آهن، اهو سندس ڀاهرئين مطالعي جو سندس شعري صنفن سان ڏاڍ آهي ضرور پر ان جو ڏوهيه به شاعر تي گهٽ آهي. اهم سبب اهو آهي تي"منصور ملڪ ويهارو ڪن ورهيه ادبي دنيا ڪان ڪٽيل رهيو آهي جنهن ڪري سندس اندر جو فنڪار ڪُجهه وقت خاموشيءَ جي ننڊ ۾ سُتل رهيو، هاڻ جڏهن ڪنهن نازنين جي نهار سندس دل جو دروازو کڙڪايو آهي ته سندس اندر وارو شاعر پنهنجي سموري آب تاب سان ۾ سموري شاعرائي حُسناڪيءَ سان اسان آڏو آيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسانجو پڙهندڙ جيڪڏهن اهو چوي ته اسانجي هن شاعر جو لهجو اڄ جو مروج لهجو نه آهي ته ان لاءِ به مان مڃي چاڻائي آيو آهيان ته اسانجو هي شاعر ٻاهرئين ادب لاڳاپيل هئڻ ڪري ۽ ٻاهر رهڻ ڪري پويان ويهارو ورهيه سنڌي شعري ادب سان لاڳاپي ۾ نه رهيو آهي اُن ڪري ڪيس اڄ جي مروج شاعراڻي لهجي جي پروڙ گهٽ آهي. سنڌي شاعري اڄ جنهن تڪائي جي ضد ۾ آهي اهڙي اڳ ۾ نه هئي، اڄ جي سنڌي شاعري روايت کان هٽي، ڪنهن به اجائي وڏاءَ ۽ ناهه نوهه کان سواءِ، بلڪل سهج سڀاءُ ٻوليءَ ۾ (تکي يا مِٺي) پرنجُ احساس جي سطح تي اچي بيٺي آهي خاص ڪري غزل!

اڄ جو غزل پنهجو پاڻ ۾ اڄ جون سموريون ڪڙيون توڙي مٺيون حقيقتون ضم ڪري ويو آهي ۽ ڏاڍي بردباريءَ سان اهو بار ڍوئي رهيو آهي. ائين به نه آهي ته ڪو "منصور ملڪ" ان سموري غزل جي يا سنڌي شاعريءَ جي ماحول کان اڻ واقف آهي سندس هيٺ ڏنل غزل جا بند اڄ جي سنڌي غزل جي لهجي جي پورائي ڪن ٿا.

جيڪو چوڻ چاهين ٿو ٻول
منڙا پنهنجا چپڙا کول
شيشي جهڙي منهنجي دل
ڇوٿو ڪيڏين سمجهي ٽول

پنهنجي زلفن جي ڇانوَ ۾
هڪ گهڙي آرام ڪرڻ ڏي

تنهن هوندي به "منصور ملڪ" جنهن دور ۾ باقائدي لکيو، ان سڄي دور جي شعري ادب جي سندس شاعري تي اڻ مٽ ڇاپ آهي سندس گهڻي شاعري ان دور جي نمائندگي ڪري ٿي. ان دور جون سياسي حالتون جن جي ضد ۾ سنڌ رهي آهي، اُن دور جو مروج لهجو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فڪر سڀ جو سڀ سنڌس شاعريءَ ۾ زوردار نموني ايري بيٺو آهي. اڄ جي پڙهندڙ جي تقاضا جي باوجود جيئن تہ هي "منصور ملڪ" جو پهريون ڪتاب آهي، ان ڪري سنڌس پوئين دور جون سموريون لکڻيون هن ڪتاب ۾ شامل ڪيون ويون آهن، جيئن اهو دور بہ رڪارڊ تي رهي ۽ اهي لکڻيون بہ محفوظ رهن. پوين شعرن کي هن ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ مان هڪ ٻيو فائدو اهو بہ ٿيندو تہ پڙهندڙ شاعر جي شعري ارتقا جو اندازو بخوبي لڳائي سگهندو. ڪتاب ۾ شامل نظم ۽ وايون لڳ ڀڳ ان دور جون آهن جنهن کي سنڌ جو اونداهو دور چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. ون يونٽ وارو دور ۽ ان کان ڪجهہ پوءِ وارو دور اهو بہ شعر واضح ڪن ٿا. منصور ملڪ بنيادي طور ساهتي پر ڳڻي جو آهي، ان ڪري سنڌس ٻولي صاف سهڻي، لهجو سرل، سڌو، اظهار ۾ سادگيءَ گاڏڙسچائي. مان سمجهان ٿو منصور جو سادو اظهارئي سنڌس سچي فنڪار جي ضمانت ڏئي ٿو.

منصور جا ڪجهہ غزل پڙهي انهن جي ڪافعي ۽ رديف تي سوچي سنڌس شاعريءَ جي فن تي ظابطي هجڻ جو اندازو بہ ڪري سگهجي ٿو.مثال طور هيءَ غزل

سنڌ جا ڪيت ۽ گهر سلامت-
شال رهن، سي برسلامت-
سنڌڙيءَ جا اوجنگي دودا،
ٽنهنجي پڳ جا ورَ سلامت-

مٿين غزل جو قافعو ۽ رديف جيتوڻيڪ بار بار استعمال ٿيو آهي. تڏهن بہ منصور جي اظهار کي ڏسي ۽ شعر ۾ قافعي ۽ رديف جي مظبوط جڪڙ کي ڏسي اهو اندازو لڳائي سگهبو تہ ڪيس فن جي ڄاڻ بہ آهي، اصل ۾ جنهن انداز سان پڙهندڙ شاعري پڙهي ٿو يا جيڪي پابنديون هو شاعريءَ تي لڳائي ٿو، انهن جي شاعر کي ڄاڻ نٿي رهي ، پرهن ڪتاب ۾ شاعر حرفن کي ڪيرائڻ يا حذف ڪرڻ واري اجازت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڪُجھہ وڌيڪ فائدو ورتو آهي، پيو تہ هن شاعر ڪجھہ غير مروج وزنن تي بہ لکيو آهي، جيڪي اڄ جي پڙهندڙ جي ٽيسٽ جا نہ آهن يا پڙهندڙ جي ظابطي هيٺ فوري نٿا اچن مثال طور هي غزل

دلڙي ڦري دلبر پوءِ ڌڪارڻ بہ چڱو ناهہ!
پائڻ نہ پڇي ٿو تہ ڌتارڻ بہ چڱو ناهہ!

يا

هُن سان گڏ رقيب آهي ڇو؟
گلن سان گڏ ٿيو خار ڇوآ؟

مان ورجايان ٿو تہ

”الامان اڏري ويندوسانءِ“ ڪتاب اهڙن شعرن جومجموعو آهي، جن کي پڙهي اسانجو پڙهندڙ ڪنهن بہ مونجهاري ۾ پوڻ کان آجو رهندو هن ڪتاب جي گهڻن شعرن ۾ اڄ جي زندگيءَ جي نعمت ۽ اذيت سوچ ويچار / ۽ آچار وهنوار/ رشتن جي نئين تشريح جون ڪيئي تصويرون شامل آهن، جن ۾ جدت جا سنڌي لفظ / فقرا ۽ فيشن زده موضوع غير حاضر آهن، جنهن ڪري شعر پڙهندي اجنبيت جو احساس نٿو ٿيري ۽ نہ وري مالي خوشحاليءَ جي نمائش ظاهر ٿئي ٿي، البت ڪٿي ڪٿي شاعر جي خوشمزاجي شعر ۾ گُسي آئي آهي، جنهن تہ هيءَ شاعر جو پهريون ڪتاب آهي، ان ڪري هيءَ سندس پهرين سڃاڻپ آهي، اها سڃاڻ ڪيترو اثر دار رهي ٿي ان جو انتظار آهي. اصل مسئلو ان سڃاڻپ جي احساس ڏيارڻ جو آهي، ۽ اهو احساس اهو آهي تہ هنن شعرن ۾ ذهني ولوڙ جي بوءِ نہ ايندي، نہ لفظ بازي نہ ترڪيب جون ڪثرتون ۽ ڪمال، مطلب تہ هيءَ شاعري مصنوعيت جي عيب کان آجي نظر ايندي.

۽ اهي چند خصوصيتون ئي آهن جيڪي شاعر جي معيار / درجو مقرر ڪرڻ ۾ هٿي ڏين ٿيون شهيد عبدالرزاق سومري جي نانءُ هڪ نظم ۽ مولانا عبيدالله سنڌي جي حضور ۾ هڪ نظم پڙهي ڏسجن يا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منصور جو نـ وايون - جن جي ٻولي بہ سنڌ جي ڳوٺاڻي جيان سادي سٻاجهي ۽ معصوم آهي.

هر شاعر پنهنجي سُڃاڻ پاڻ جوڙيندو آهي، سندس درجو / معيار جو ماپو سندس لکڻين/ شعرن مان ئي ملندو آهي ۽ نہ ٻاهرين وسيلن جي ذريعي جيئن عُهدا ۽ انعام وغيره . متين غير ادبي ماپن تي ڪنهن بہ تخليقڪار جي تخليقن کي اعليٰ سڏڻ ياگهٽ معياري سڏي لوڻ ۽ ڪجهہ اهڙي قسم جا ٻيا رنگين / اڏنگا طريقا.

سُٺي يا اعليٰ شاعر جي سڃاڻ سندس موضوع - فڪر لهجي - فن جي پختگيءَ زبان جي استعمال- طرزِ بيان مان ظاهر ٿئي ٿي/ ان سان جڙي ٿي، ۽ اهڙي سڃاڻ پيدا ڪرڻ لاءِ اڀياس ۽ مشق جي سخت ضرورت پوي ٿي، ان ڪان اول اهم نقطو اهو آهي تہ شاعر ۾ تخليقي قوت جي شمع روشن هُجي، جيڪا منصور ملڪ ۾ ڪنهن حد تائين آهي، پر سوال آهي، تہ هو پنهنجي اهڙي مضبوط سُڃاڻپ جوڙي سگهيو آهي؟ مان سمجهان ٿو تہ هو ان تجربي (process) مان گذري رهيو آهي، ان ڪان گهٽو پري ڪونهي، پر پوءِ بہ ڪيس اجاڳپل پنڌ ڪرڻو آهي. ڪي ليکڪ تہ بنا وک کڻئي ئي ماڳ تي پهچڻ جي دعويٰ ڪندا آهن، منصور اهڙي ڪنهن بہ خوش فهميءَ ۾ مبتلا ڪونهي نہ ئي هُن "وڏي" هجڻ جو ڀرم پاليو آهي.

اهو بہ ممڪن آهي تہ ڪي اديب منصور ملڪ کي نِراشاوادي ڪوٺين- پر اِتي بہ هو اهو وساري ٿا ويهن تہ جيترو ڪو زندگيءَ کي ويجهڙائيءَ سان ڏسندو ۽ سوچيندو اوترو ئي کيس حيات جي هر روشن گوشي ۾ اونده نظر ايندي، ان ڪري شاعر کي غم پرست يا نراشاوادي ڪوٺڻ بجاءِ حقيقت پرست ڪوٺڻ ئي ٺيڪ/ درست ٿيندو، جو تہ هو جيڪي ڪجهہ ڏسي وائسي ۽ محسوس ڪري ٿو، ان جي ئي لفظن ۾عڪاسي ڪري ٿو. "منصور" ملڪ جي هن ڪتاب کي پڙهي اهو احساس شدت سان محسوس ٿئي ٿو تہ منصور پنهنجي جذبات،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچ، فڪر جي اظهار ۾ خود سان ايماندار آهي، پوءِ اهو ڪنهن ڪي وٽي توڙي نہ وٽي ۽ اهو رويو ئي ڪيس اڳتي هلي سنڌي شاعريءَ جي هن خوبصورت گلدستي ۾ هڪ خوبصورت گل جي نجي سڃاڻپ بخشيندو- اها اسانجي آس آهي.

مونکي اميد آهي تہ منصور ملڪ جو هيءُ ڪتاب "الامان اڏري ويندو ساهہ" سنڌي شاعريءَ جي سنجيده پڙهندڙن وٽ پنهنجي انفرادي اهميت اوس ماڻيندو.

۽ اياز جي مٿين سٽ جي ٻاجهہ جو هٿ اڳتي بہ منصور جي شاعريءَ تي رهندو ۽ بس!

رڪيل مورائي

1 سيپٽمبر 1999ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بسم الله الرحمٰن الرحيم

تون هي تون........

اج جڏهن مان پنهنجي ڪتاب جي باري ۾ ڪجهه لکي رهيو آهيان تڏهن محسوس ٿي رهيو آهي ته لکڻ ۽ پڙهڻ شروع ڪان وٺي منهنجي طبيعت جوحصو رهيو آهي . 66- 1965ع جي دوران مان روزانه عبرت اخبار ۾ هفتيوار" ٻارڙن جي ٻاري" ۾ لکندو هوس، انٽر گورنمنٽ ڪاليج نواب شاهه مان ڪيم. جتي سنڌيءَ جي پروفيسر احمد ميمڻ صاحب (هالا واري) سنڌي شاعري ۽ ان جون صنفون وغيره خوب سيکاريون ۽ پوءِ مان 1970ع ۾ ڪاليج جي مخزن جو جوائنٽ ايڊيٽر ٿيس. نواب شاهه جي شاگردي واري دور ۾ سنڌي ادبي سنگت جي هفتيوار گڏجاڻين ۾ پڻ شرڪت ڪندو رهيس جتي نور عباسي، بشير ڀڳهيو ۽ عبدالحڪيم ارشد سان ميل جول ٿيو. انٽر سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪرڻ سبب ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا نه ٿي سگهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لحاظ S.V ڪورس ڪرڻ لاءِ سڪرنڊ جي ٽيچر س ٽريننگ ڪاليج ۾ داخلا ورتم جتي راشد مورائي، مثل ڪمالائي، خاڪي جويو، تاج جويو ۽ ٻين سان واقفيت ٿي جيڪا اڳتي هلي دوستيءَ ۾ تبديل ٿي . هي اهو وقت هوجومون ڪچو پڪو لکڻ شروع ڪيو. ان جي اصلاح ڪڏهن راشد ته ڪڏهن تاج ڪندو هو ۽ اهڙي طرح سڪرنڊ ۾ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ حصو وٺندو رهيس . هي وقت ون يونٽ ٽوڙ تحريڪ جو هو تنهنڪري شاعري ۾ قوم پرستي ۽ وطن دوستيءَ جو عنصر ايري اچڻ فطري هُئو .

سڪرنڊ ۾ سنگت جي مشوري سان "منصور" تخلص پيو. S.V فرسٽ ڪلاس ۾ ڪرڻ بعد مونکي اسماعيل پنڊ اسڪول ۾ ماستري جو آرڊر مليو هي اسڪول نواب ولي محمد کان چار پنج ڪلو ميٽرن جي فاصلي تي ڪچي ۾ هو هتي ست اٺ مهينارهڻ دوران مون کي سنڌ جي اصل خوش ڪيڪر کان علاوه راڄوٽن ۽ چورائن فيصلن ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جو ويجهڙائي کان مشاهدو مائڻ جو اتفاق ٿيو. اهو به منهنجي زندگيءَ جو هڪ سٺو تجربو هو جيڪو اڳتي هلي شاعريءَ تي ڪنهن نه ڪنهن طرح ضرور اثر انداز ٿيو. اديب سنڌيءَ جو امتحان مصطفيٰ اورينٽل ڪاليج نوان جتوئيءَ مان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيم . انٽرجيڪا ٻيهر ڏني هيم ان ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ٿيس ۽ اهڙي طرح ماستري تان استعيفا ڏئي مون لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ورتي ڊاڪٽريءَ جي سخت پڙهائيءَ سبب ادبي سنگت سان رابطو ته نه رهي سگهيو پر تنهن هوندي به ڪنهن حد تائين لکڻ پڙهڻ جو ادبي ذوق ڪوشش ڪري برقرار رکيو آيس.

پنهنجي آخري سال MBBS 78 -1977ع ۾ ڪاليج جو ميگزين سيڪريٽري چونڊجي ويس ۽ "لياقت" مخزن ترتيب ڏنم. ان عرصي دوران تماهي "لطيف" پڻ شروع ڪيم جنهن جو صرف هڪ پرچو ڪڍي سگهيس . ان سڄي عرصي دوران منهنجي شاعري ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهاڻيون مختلف رسالن جهڙوڪ پيغام ، مارو ، لطيف ، سهڻي ۽ اڳتي قدم وغيره ۾ ڇپجنديون رهيون. هتي وري جيڪي ادبي دوست ٺيا انهن ۾ مولابخش جوڻيجو ، سليمان سولنگي ، عزيز ٽالپر ، نسرين جوڻيجو ، سريچند هرجاڻي گهائل ، محمد خان مخمور ، عنايت بلوچ ، خليل قاضي وغيره شامل هئا. ميگزين سيڪريٽري جي حيثيت ۾ 4 ڊسمبر 1977ع تي ايل. ايم. سي جي لطيف هال ۾ سنڌي ادبي ڪانفرنس منعقد ڪرايم، جيڪا ٽن نشستن يعني پهرين مشاعري جي نشست تي، جنهن جي صدارت تنوير عباسي ۽ مکيہ مهمان استاد بخاريءَ جن هئا. ٻي نشست ڪهاڻين ۽ مقالن جي هئي، جنهن جي صدارت مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ مهمان خاص ظفر حسن جن هئا. ٽين ۽ آخري نشست راڳ رنگ جي هئي، جنهن جي صدارت اي.ايچ ڪريم ميمڻ صاحب جن ڪئي. ”سنڌي ادبي ڪانفرنس“ جي رپورٽ ٽئين ٽهي فيبروري 1978ع واري پرچي ۾ شايع ٿي.

1979ع ۾ جناح اسپتال ڪراچيءَ ۾ منهنجو ميڊيڪل آفيسر جو آرڊر ٿيو جتي ست اٺ مهينا ڪم ڪرڻ بعد منسٽري آف ايجوڪيشن اسلام آباد منهنجو نالو اعليٰ تعليم لاءِ روس ۾ تجويز ڪيو ۽ اهڙي طرح جناح اسپتال مان استعيفا ڏئي 9 - ڊسمبر 1979ع تي ڪراچيءَ کان ماسڪو لاءِ روانو ٿيس. ٽي ڏينهن ماسڪو ۾ رهڻ بعد مون کي تا شقند روانو ڪيو ويو مان لاڳيتو ڇهہ سال رهيس انهن ۾ هڪ سال روسي ٻولي سکڻ ، ٻہ سال ڊ پلوما ۽ ٽي سال ڊاڪٽريٽ (Ph.D) شعبہ بيهوشي ۾ لڳا . انهن ڇهن سالن دوران گرمين ۽ سردين جي وئڪيشن ملندي هئي جنهن جو فائدو وٺندي مون کي پندرهن سورهن ملڪ گهمي ورتا. انهن ۾ زياده تر (EAST ۽ WEST يورپ جا ملڪ شامل آهن) چاليهہ ڏينهن (26 آگسٽ 1981ع کان 4 آڪٽوبر 1981ع) آمريڪا جو سير ڪيم ان دوران ڪئنيڊا جي شهر ڪرين بروڪ ڏسڻ جو پڻ موقعو مليو. ٻہ دفعہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

افغانستان ڏسڻ جو اتفاق ٿيو ۽ هڪ دفعو انڊيا مان گذريس. انڊيا ۾ ٻن هفتن جي قيام دوران الهاس نگر گهمڻ ويس، جتي موهن ڪلپنا، ڊاڪٽر ارجن سڪايل ۽ پروفيسر هيرو شيو ڪاٺي سان ڀرپور ڪچهريون ٿيون. بمبئيءَ ۾ ماسٽر چندر، اُتم ۽ سندري سان گڏجاڻي ٿي. واپس ايندي دهليءَ ۾ هريڪانت جيٺواڻي سان روح رهاڻ ٿي. هنن ملاقاتن ۾ سنڌ جي سياسي ۽ سماجي صورتحال عمومي طور ۽ ادبي صورتحال خصوصي طور بحث هيٺ آيون. سنڌ لاءِ سڪ ڏاڍي ڏٺم. هند ۾ ٻه هفتا رهندي جتي خوشي به اٿم جو هيڏي بلند پايه جي سنڌي اديبن سان ملاقاتون ٿيون، اتي ڏک ان ڳالهه جو اٿم جو مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ مرزا غالب جي مزارن تي حاضري نه ڀري سگهيس ۽ نه وري تاج محل جو ديدار ڪري سگهيس.

اهڙي طرح روس ۾ ڇهه سال رهندي جتي سمر قند وڃي تيمور لنگ جي مزار ته ڏسي آيس پر اتي افسوس اهو به اٿم جو نه ته لينن گراڊ ڏسي سگهيس ۽ نه وري پنهنجي پسند يده شخصيت راسپوٽين جي مزار تي وڃي سگهيس. هتي به ڪجهه ويزا وغيره جون رڪاوٽون هيون، جنهن سبب اهي خواهشون پوريون نه ٿي سگهيون. مجموعي طور ايترن ملڪن جي تن تنها ڪيل سفر، جنهن ۾ ڪڏهن راحتون هيون ته ڪڏهن پريشانيون به هيون، جن منهنجي خيالن ۽ سوچن ۾ ڪافي اضافو ڪيو. تقريباً هر ملڪ ۽ شهر مان پنهنجي سفر جو تفصيلي خط راشد مورائي ڏانهن ٺي لکندو رهيس، جيڪي راشد ڪان وڃائجي / هيڏي هوڏي ٿي ويا آهن. جنهن جو مون کي نهايت ٺي افسوس آهي.5-نومبر 1985ع تي روس مان ڪورس مڪمل ڪري ڊگريون وٺي وطن واپس وريس. جنوري 87ع کان ڪراچيءَ ۾ لوڪل گورنمينٽ جي اسپتال سوڀراج ميٽرنٽي هوم ۾ سينيئر اينسٽيٽسٽ جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو آهيان. وچ ۾ ٻه سال ڪن (92-1990ع) پيپلز ميڊيڪل ڪاليج نوابشاهه ۾ اسسٽنٽ پروفيسر طور شعبه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيهوشي ۾ پڻ ڪم ڪير.

6 مارچ 1993ع تي پهريون دل جو دورو پيو. 25 ڏينهن نوابشاهه اسپتال جي آء. سي. يو (I.C.U) ۾ رهيس. هن حادثي ڪانپوء مون محسوس ڪيو ته منهنجي خوشين جا ڏينهن ختم ٿيا ۽ مصيبتن ۽ تڪليفن جو دور شروع ٿيو ۽ پوء مان مسلسل- ذهني توڙي جسماني طور بي چين رهڻ لڳس ۽ هن موقعي تي مان صحت، هدايت ۽ راهنمائي لاء واجهائڻ لڳس. بقول منهنجي دوست جي چواڻي ته مذهب وڏي ۾ وڏو Tanqulizer آهي ۽ اتي ئي ماڻهو کي ذهني ۽ جسماني سڪون ملي سگهي ٿو.

موت اٽل آهي. جڏهن اچڻو هوندو اچي رهندو. ان لاء فڪرمند ٿيڻ جي ڪا ضرورت ناهي. انسان مسافر آهي پر ڪائنات جي خلقيندڙ ان کي ڪنهن مقصد لاء پيدا ڪيو آهي هاڻي مان ڪائنات، ان جي نظام، مذهب- زندگيء گذارڻ جو ضابطه حيات ۽ ٻين انيڪ موضوعن تي غور وفڪر ڪرڻ لڳس. هي منهنجي لاء هڪ يو (U) ٽرن هو. هي اهڙو وقت هو جو مان دل جي دوا سان گڏ دين طرف به مڙندو ويس ۽ محسوس ڪرڻ لڳس ته منهنجي طبيعت ۾ آهستي آهستي بهتري اچي رهي آهي. مون مان موت جو خوف ڪڍڻ ۾ جتي دين وڏو ڪم ڪيو اتي ڪجهه فلسفين به سٺي مدد ڪئي. مثال طور اسپنوزا ۽ شوپنهار وغيره قابل ذڪر آهن، جيڪي ٻئي ويدانتي هئا ۽ انهن جو سلسلو شاهه لطيف، بلي شاهه ۽ ڪبير وغيره جي فڪر سان ملي ٿو.

اڳتي هلي مون هڪ بزرگ واتان ٻڌو ته جيستائين هيٺيون چار ڳالهيون پوريون نٿيون ٿين تيستائين الله پنهنجو قرب ۽ ويجهڙائي بندي کي نصيب نٿو ڪري. (1) رزق حلال ۽ ان جو صحيح خرچ (2) ڪوڙ نه ڳالهائڻ يعني قول ۽ فعل ۾ سچائي (3) نماز جو پابنديء سان پڙهڻ ۽ ان جو حق ادا ڪرڻ (4) ٻيا نيڪ ۽ صالح عمل ۽ پوء مون به پنهنجي زندگيء جو احتساب شروع ڪري ڏنو. جنهن احتساب/ يعني نفس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شناسيءَ (پاڻ سڃاڻپ) منهنجي غير معمولي مدد ڪئي. جيئن جيئن مان مٿين معاملن ۾ اڳتي وڌندو رهيس، الله جي ڪبريائي ۽ ان جي ذات ۾ يقين وڌندو ويو تيئن تيئن مان پاڻ کي ان جي قريب ٿيندي محسوس ڪيو ۽ هر طرح پاڻ کي مطمئن ٿيندي محسوس ڪيم. هن وقت قربت ان درجي تي بيٺي آهي جو ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن اهم ۽ فوري مسئلي تي سائنس جڏهن روح جي گهراين سان رجوع ٿيندو آهيان تڏهن مون کي سندس طرفان رهبري ۽ رهنمائي حاصل ٿي ويندي آهي.

دين جي بدولت ئي والدين جي اهميت جي خبر پئي، والده جو ته 1984ع ۾ انتقال ٿي ويو هو، سو پوءِ بنا دير جي بابا سائين ۽ مان 1998ع ۾ حج جي سعادت حاصل ڪري آياسين. هاڻي جڏهن اتان موٽيس آيس ته هي اهڙو وقت هو، جنهن ۾ مان زماني جي گهڻن غير ضروري وهنوارن سان پنهنجا ناتا ٽوڙي واندڪائي جو وقت حاصل ڪيم، جنهن ۾ يا ته پڙهڻ لڳس يا لکڻ شروع ڪيم. پڙهڻ ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، شيخ اياز، استاد بخاري، احمد فراز، قتيل شفائي، غالب، سقراط، منصور هلاج، نرائڻ شيام، قرة العين طاهره ۽ ٻين کي پڙهي ورتو. جيتري قدر لکڻ جو تعلق هو ته جيئن ته هاڻ مون تي عشق جو دروازو کلي چڪو هو، تنهن ڪري ويهه سال اڳ ڇڏيل شاعري وري نئين سر شروع ٿي وئي ۽ اها ايتري ته ٿي وئي جو نئين ۽پراڻيءَ کي ملائڻ سان هڪ ڪتاب ٺهجي پيو. هاڻ سنگت زور ڀريو ته اها ڪتاب جي صورت ۾ شايع ٿيڻ گهرجي. منهنجي دوستن ڊاڪٽر آنند پنجواڻي ۽ ستار پيزادي همت ٻڌرائي ۽ هوڏانهن نوجوان دوست رڪيل مورائي ملي ويو ته ڇپائي جا مرحلا تڪڙا طئي ٿيڻ لڳا. اهو ڪم اڃا ٻئي پروف ريڊنگ جي مرحلي ۾ ئي هو جو مون کي 11 جولاءِ 1999ع تي ٻيو دل جو دورو (Infarction) پهچي ويو ۽ اهو ايترو ته شديد هو جو ڊاڪٽر خود هڪ مرحلي تي منهنجي زندگيءَ مان مايوس ٿي ويا، پر منهنجي مالڪ وٽ منهنجي زندگي اڃا لکيل هئي، سا مون کي ملي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت اڳي بہ ڪيترائي دفعا ويجهو آيو، پر هر دفعي ناڪام موٽيو. هن دفعي تہ اصل ہڪئين پئجي ويو هو. چوندا آهن تہ، ”مارڻ واري کان بچائڻ وارو ويجهو آهي.“ مون سان بہ اهو ئي ڪم ٿيو. سوچيندو آهيان تہ مون سان ايترا معجزا ڇو ٿا ٿين؟ ربّ بار بار زندگي ڇو ٿو عطا ڪري؟ آخر مون مسڪين گناهہ گار کان ڪهڙو ڪم وٺڻو اٿس؟ منهنجي ذهن ۾ اهڙا انيڪ خيال ۽ سوچون اڀري اچڻ لڳنديون آهن. هاڻي هي اهو وقت آهي جو مان تصوف جي مختلف طريقن، ايمان، يقين ۽ حق ۽ صداقت جي علم لاءِ ڪنهن اهل دل جي تلاش ۾ رهڻ لڳس ۽ نيٺ اها تمنا بہ هڪ بزرگ شيخ هاشم رضا سان ملڻ جي صورت ۾ پوري ٿي.

منهنجي شعرن ۾ ڪٿي ڪٿي موت جو ذڪر ٿيل آهي، يا جيئن ڪتاب جي عنوان مان لڳي ٿو تہ مان سمجهان ٿو تہ اها زندگيءَ مان بيزارگي جي نشاني ناهي بلڪ ان ابدي حقيقت جو اعتراف آهي جيڪا زندگي جي آخري ڏاڪي/ مرحلي ۾ اچڻي آهي. ڇاڪاڻ تہ اسان موت تي سوچ نٿا پائي سگهون، ان جي پوَ کي مات ڏيڻ گهرجي ۽ اهو تڏهن ئي ٿي سگهندو، جڏهن انسان الله جي احڪامن جي مڪمل پيروي ڪندو. يقيناً موت کان پوءِ حياتي آهي، جنهن لاءِ فڪرمندي ۽ تياريءَ جي ضرورت آهي.

اسپين جي مشهور شاعر لورڪا پنهنجي دوست جي موت تي نظم لکيو، جيڪو ڍڳي سان وڙهندي (Bull Fight) ۾ مري ويو. امير خسروءَ سلطان محمد جي موت تي مرثيو لکيو. مهان شاعر شيخ اياز ”دودي جو موت“ آپيرا ۾ زندگي ۽ موت جي ہني حقيقت کي سٺي نموني چٽيو. سچ تہ اهو آهي تہ هن عارضي ۽ فاني دنيا کي پنهنجي ڌيان تان هٽائي مالڪ حقيقيءَ سان رشتو جوڙڻ ئي، حضرت انسان جو مقصد هئڻ گهرجي ۽ هن دنيا ۾ ماڻهو هڪ صاف ۽ شفاف زندگي گذاري وڃي. هي دنيا گذرگاهہ تہ ضرور آهي، پر قيام گاهہ نہ آهي ۽ جڏهن مالڪ حقيقيءَ جو سڏ ٿئي تہ پوءِ ڪلندي خوش ٿيندي اڳئين سفر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تياري ڪري. چوندا آهن تہ، ”رنگ رتل ڇڏجي- ميلو متل ڇڏجي.“

”الا مان اڏري ويندو ساڻ“ توهان جي هٿن ۾ آهي. هي منهنجي شاعريءَ جو پهريون مجموعو آهي، جا هڪ ڪچي پڪي ڪوشش آهي. گهٽ وڌايون ضرور هونديون. ٿي سگهي ٿو تہ ڪٿي فن جي تہ فڪر ۾ ڪوتاهي هجي ۽ جي ڪٿي فڪر هوندو تہ وري فن ضربيل نظر اچي. پوءِ بہ آس اٿم تہ پڙهندڙ منهنجي هن پُرخلوص ڪوشش جي آجيان ڪندا.

مان پنهنجي انهن سيني دوستن جو شڪر گذار آهيان، جن اسپتال اچي منهنجي عيادت ڪئي ۽ خاص طور تي ڊاڪٽر محمد صالح پُرتَ جو، جنهن پهرئين دل جي دوري ۾، نوابشاهہ ۾، گهر کان ڪارڊيو ويسڪيولر پهچايو ۽ ڊاڪٽر نند لال دريائيءَ جو، جنهن ٻئي هرٽ اٽيڪ ۾، ڪراچيءَ ۾، فليٽ کان I.C.U پهچايو ۽ هتي ٻنهي ڊاڪٽرن / يارن حال آهر ايمرجنسيءَ ۾ منهنجي سٺي مدد ڪئي. ان کان سواءِ ڊاڪٽر زهره طاهر، ڊاڪٽر سيما بدر، راهي ڀائي، نذير قريشي، ايوب جتوئي، حاجي خان پريو، رشيد هميراڻي، پير بخش ڇچڙو، امداد چانڊيو، عبدالستار منگي، ڊاڪٽر شمس بروهي، عبدالرحيم انصاري، ڊاڪٽر احسان سيال ۽ ٻين دوستن جو پڻ ٿورائتو آهيان، جيڪي پنهنجا ڪم ڪاريون سيڙائي اسپتال ۾ منهنجي طبيعت ڏسڻ/ پڇڻ هر ٻئي ٽئين ڏينهن ايندا هئا يا فون تي خبر چار وٺندا هئا. ڪجهہ دوست گهر تي پڇڻ پڻ آيا.

... ۽ پنهنجي عزيزن ۾ والد بزرگوار، گهر واري، پٽ فهيم رضا ۽ سليم رضا*، ڌيءُ هُما تبسم، ڀائرن عبدالغفار (جبل)، محمد دائود، ڀائٽين ۾ تسنيم ناز ۽ مريم ناز ۽ ٻين جا مونتي تمام گهڻا احسان آهن، جن هر وقت هر لمحي منهنجي خدمت ڪئي ۽ سارسنڀال لڏي ۽ منهنجي شفا ۽ عمر درازيءَ لاءِ دعائون گهرندا رهيا ۽ رهن ٿا.

* سليم رضا PNSC جي ڪاغان شپ تي ڊيڪ ڪيڊٽ آهي. اتليءَ مان فون ڪرڻ تي ڪيس منهنجي بيماريءَ جو اطلاع ڏنو ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان پنهنجي جملي پڙهندڙن کي منٿ ڪريان ٿو ته اهي ڪل انسانيت جي هدايت، صحت ۽ برڪت لاءِ ڏٽي تعاليٰ کان دعائون گهرندا رهن.

آخر ۾ مان پنهنجي ڏات ڏيندڙ عظيم هستيءَ جي اڻمين احسانن ۽ نوازشن جو ذڪر ضرور ڪندس، جنهن هن فقير کي عشق جي عظيم تحفي سان نوازيو. هن آخري دل جي جهٽڪي يعني موت ۾ نئين زندگيءَ ڏني ته جيئن مان پنهنجي هر گناهه کان هن روشن دنيا ۾ ئي توبهه تائب ٿيان، پنهنجي مادرِ وطن "سنڌ" جو قرض لاهي وڃان، سندس ڪائنات جي وڏيڪ سونهن پسي سگهان ۽ پنهنجي پيار / عشق جو اڃا اُوچو معراج ماڻي ڏسان.

منصور ملڪ

ڪراچي
09.09.1999

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ۽ مان

ڊاڪٽر قيوم، سر جو سودو ڪندڙ، نيٺ "منصور" تي ويو. سنڌس ڪلام پڙهڻ کان پوءِ محسوس ٿئي ٿو ته هن مَستَ ، مَستيءَ جي موج ۾ اچي پنهنجو پاڻ سان جهيڙو لاتو آهي. ڪڏهن دسجيو وڃي ته ڪڏهن دسيو وينو آهي. سنڌس ويڙهه ها ۽ نه ۾ بدلجي وئي آهي. نفي اثبات نروار ٿيو. لِڪ ايڏي جو لطيف ٿيو پوي، نرواريءَ ۾ سَچُو جي سچ جي سرهاڻ پيو سُونگهائي. ڪڏهن سڀ ڪجهه ڇڏيو قربانيءَ جي قربت ٿو ماڻي ته وري سڀ ڪجهه ساڻ نيو ٿو وڃي پر دل آزاريءَ کان پلئُه بچائيندي، ڪڏهن پاڻ منظر ٿيو بيٺو آهي ته وري ڪڏهن منظر کي ڳولڻ لاءِ آڪاشَ نهارَ ڪري ٿو. پنهنجي وجود کان بي خبر ٿي منظر جي منتظري ڪري ٿو. محسوسات جي گهرائي لفظن جي کوٽ سبب نه بيان ڪرڻ جهڙي.

حساس شخص جي پهرين ڪوشش ڪيرون لهڻي

نذير قريشي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غزل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

اڄ حسن ٿيو عام، خدا خير ڪري،
آ عشق تي الزام، خدا خير ڪري.

محبوب سندم جا تہ گلابي چپڙا،
چوري ڪيئين قتلام، خدا خير ڪري.

ڪاليج مان دلبر جو جڏهين بہ گذر ٿيو،
وڃهندو ويو ماتام، خدا خير ڪري.

محبوب جي هر حڪم تي مون "جيءُ چيو"،
تڏهين بہ آ الزام، خدا خير ڪري.

هر حڪم جي تعميل ڪندو رهيس تڏهن پي،
ٿيڻو پيو بدنام، خدا خير ڪري.

گر حسن کي سجدي جي اجازت جي هجي،
ڪريان پوءِ صبح شام، خدا خير ڪري.

آ حسن وڏي ڳالهہ وڏي چيز مگر،
آ عشق بہ انعام، خدا خير ڪري.

"منصور" غلام آهہ، اصل کان تنهنجو،
لب تي آ سنڌ نام، خدا خير ڪري.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

وري پٿر پگهاري ٿي سگهي بيشڪ دعا منهنجي،
جلائي ٿي سگهي گلشن عدوءِ جو اڄ صدا منهنجي.

اسان مانجهي، اسان دودا، اسان ئي سنڌ جا جوڌا،
سدائين سنڌ تان رهندي پئي هر شيءِ فدا منهنجي.

نہ گهبرايو ٻڌي دڙڪا، نہ ڇرڪو جيل خانن کان،
ڪهايو مونکي پر سنڌ کان نہ ٿيندي دل جدا منهنجي.

سڀئي زنجير توڙياسون، ڪري اعلان آزادي،
کهڻ حق آ بغاوت جي تہ پوءِ ناهي خطا منهنجي.

وطن سنڌ کي ڪري سجدو، ڪندس مان فرض هي پورو،
وطن سنڌ جا نظارا، جهنگ وڻ ٽڻ گل هوا منهنجي.

مران شل سنڌ جيجل لئہ، جيان پڻ سنڌ جيجل لئہ،
اگر بيمار ٿي پوندس، مٽي ٿيندي دوا منهنجي.

پلي اڄ دار تي چاڙهيو، اسان "منصور" پارن کي،
زبان تي هر گهڙيءَ هوندي جيئي سنڌ جي صدا منهنجي.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

سنڌ جا کيت ۽ گهر سلامت،
شال رهن سي بَرَ سلامت.

سنڌ وطن جو آڌرياءُ،
شال هجي ڪيڪر سلامت.

سنڌڙيءَ جا او جنگي دودا،
تنهنجي پڳ جا ور سلامت.

موج ۾ آئي آ مهراڻ،
ڪينجهر ۽ منڇر سلامت.

سنڌڙي جو ٿي تون گهرائين،
اجا اتئي ڪونڌر سلامت.

سادا سودا هاري ناري،
ڏاندن جوڙا هر سلامت.

مَلڪ، رسالو قرآن آهي،
ڀٽ ڌڻيءَ جا سُرَ سلامت.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

جيڪو چوڻ چاهين تو ٻول!
منڙا پنهنجا چپڙا کول!

نيڻ خماريل ڏسجن ڪيئن،
هڪ گهڙيءَ لئہ منهڙو کول!

من جو مندر مُرڪي مُرڪي،
يار ڪري وئين ڊانوا ڊول!

هر ڪنهن ماڻهو عيب ثواب،
قوليو منهنجو تون تہ نہ قول!

تنهنجي درشن لئہ جو آيس،
ماڻهن ڪوٺيو مون کي رول!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئني طرفن ۾ هر چؤنڪ،
عشق اسانجي جو چؤپول!

مونکي ڪيئن وساريو تو،
ڪانہ ٺهي ٿي اهڙي ڀول!

شيشي جهڙي منهنجي دل،
جو تو ڪيڏين سمجهي ٽول!

آيو هان، سوريءَ سينگار،
ٻئي پاسي ”مَنصُور“ نہ ڳول!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

عشق سنڌ ۾ اڄ ڏيوانا!
سَوَ منصور ٿيا مستانا!

ساقي ڪونهي، جام ڏئي جو،
خالي پيا آهن پيمانا!

من جو محرم ڪوبہ نہ آهي،
جاڏي ڪاڏي جڻ ويرانا!

هت سيڪو ٿو مطلب چاهي،
مطلب جا آهن يارانا!

صنم! اڄين ها غم ڪهڙي ها،
ڳوليون هينئن نہ ها مئخانا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي بزم آ، پنهنجي محفل،
پوء بہ آهيون چو بيگانا!

روز ڏنا مون ڦيريون پائيندي،
هڪ شمع تي سو پروانا!

توکي ڏاڍو چاهيو آهي،
پنهنجو سمجهي مون اي جانا!

سيڪو عاشق بنجڻ چاهي،
سيڪو ڳائي فلمي گانا!

تنهنجو خط اڄ پهتو سائين،
ميا مون رب جا شڪرانا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڪيو چوڻ مون تي تو اعتبار آهي.
قسم آ خدا جو توسان پيار آهي.

ڪرين ڳالهه جنهن جي پيو ٿو تون مون سان،
هميشه اسان ڪان رهيو ڏار آهي.

اسان ڪئي محبت، اوهان پالي نفرت،
اسانجو اوهان سان نه ونوار آهي.

ڪري پيار "منصور" تو سان چو جو،
ڪيو غير تي تو سڄڻ وار آهي.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

اهڙا طوفان اٿيا، سمنڊ ڪڙڪي پيو.
لال پنهنجو جهنڊو خوب ڦڙڪي پيو.

هت غمن کي ڪٽڻ تا پياسا اچن،
ڪول، ساقي اٿيا! در ٺڙڪي پيو.

دار ڏي جي وياسون ته مرڪي مٺا،
جيل تنهنجو بڏي جسم ٿڙڪي پيو.

آ سڪايل سدا ساهه "مُنصور" جو،
حسرتن جو سندم لاش لڙڪي پيو.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو ماڻهوءَ کان بيزار ڇو آ؟
ڪنهنجو ڪنهن تي نہ اعتبار ڇو آ؟

منهنجي موت کان پوءِ يارو،
همدردين جو اظهار ڇو آ؟

جنهن کي خبر ئي ناهي وفا جي،
اهو بي وفا، دلدار ڇو آ؟

سڀ وٺي آهي موڪلائي ڇڻ،
ماڻهن ۾ وڏيو تڪرار ڇو آ؟

چور- چوڪيدار هن ٻئيا،
الٽو ٿيو وهنوار ڇو آ؟

هُن سان گڏ رقيب آهي ڇو؟
گل سان گڏ ٿيو خار ڇو آ؟

واءُ ڪهڙو وريو آ "منصور"،
ياءُ ڪان ياءُ ڏار ڇو آ؟

٢٠٠٨ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

ايترو انتظار ڇو تو ڪرين؟
غلطيون بار بار ڇو تو ڪرين؟

عشق ماري نہ وجهندي او چريا!
هن سان ايڏو پيار ڇو تو ڪرين؟

جيڪو اڄڻو ٿي نہ آهي ان جو،
چون تا انتظار ڇو تو ڪرين؟

هوءَ تو وٽ ايندي ڪنهن ڇيو آ؟
چرين جان انتظار ڇو تو ڪرين؟

دل ڏئي پوءِ ڪجهہ گهرين ڇو تو!
پيار ۾ ڪاروبار ڇو تو ڪرين؟

جو ورنائي ٿي نٿو سڏ ڪي،
ان کي سڏ بار بار ڇو تو ڪرين؟

درد جو زهر پي وڃ "منصور"
داروءَ کي اختيار ڇو تو ڪرين؟

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

هلي هيڪر ڪلي جيڪر ڪيڪاريندين تہ چا ٿيندءِ،
ڇڏي ڪاوڙ اگر مشڪي نهاريندين تہ چا ٿيندءِ.

ڪيئي واعدا نڀائڻ جا تہ پو جلدي رسڻ ڪهڙو،
مٺا مشتاق کي تون هٿين رئاريندين تہ چا ٿيندءِ.

اهو انداز محبت ڪو نہ ٿو سونهين بڇڻ توکي،
ائين هر هر نگاهن سان پيو ماريندين تہ چا ٿيندءِ.

ملنديئي ڪونہ مون جهڙو سخي عاشق وري پيو ڪو،
ڪري تون پينگ منهنجي پوءِ ڏڪاريندين تہ چا ٿيندءِ،

سنئر سڀ سور تڪليفون زماني جون اوهان خاطر،
مگر هاڻي دلاسن تي جياريندين تہ چا ٿيندءِ.

ستائڻ جو ٿو تون مونکي، ستائڻ مان چا هٿ ايندءِ،
مٺا "منصورَ" کي درشن ڪرائيندين تہ چا ٿيندءِ.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

توڻ مون ڏي چا تہ نهارين ٿي،
هن مرده دل کي جيارين ٿي.

اڄ ڏاڍو ٿي تڙپايو ٿئي،
جو مونکي هاڻ رُئارين ٿي.

مون جامِ شراب ٿي سمجهيو هو،
پر زهر پياري پيارين ٿي.

هي محبت جو بدلو آ چا،
ڏئي دڙڪو دور ڌڪارين ٿي.

رقيب منهنجا ڪم نہ ايندء،
توڻ جن تان جان بہ وارين ٿي.

"مَنصُور" سان واعدو ڪالهہ ڪيئہ،
اڄ غيرن سان گڏ گهارين ٿي.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ورهين کان پوءِ آهه ڏسڻ ٿيو.
اڄ تي سڄڻ جو اچڻ ٿيو.

اکيون پرينءَ جون ٻرن مشالا،
۽ وڏ پنهنجو لڄڻ پڄڻ ٿيو.

چهرو چنڊ کان بهتر ان جو،
رنگ سندس ماکي ۽ مکڻ ٿيو.

ھُئي ڏاڍي بيچين حياتي،
ھُن جي آئي نيٺ کلڻ ٿيو.

قسمت جي آ ڳالهه نياري،
شمع ۽ پرواني جو ملڻ ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نـاريءَ جون مـخمـور نـگـاهـون،
عـاشق جو هـر روز کـسـڻ ٿـيـو.

ڳالهہ سچڻ کي ڪانہ وڻي ڪا،
هر انگ مـان انـڪـار بـکـڻ ٿـيـو.

هـو لـيـڪـا وچ آڳ ٻر پـيـئـي،
حـق ۽ سچ جو وري جيـئـڻ ٿـيـو.

تڏهـن وجي "منصـور" ٿـيـاسين،
جڏهـن مرڻ کان اڳي مرڻ ٿـيو..

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڪسي دل ڏکارڻ چڱي ڳالهہ ناهي.
ڦـٽـي دل ڦٽائڻ چڱي ڳالهہ ناهي.

هيءَ کھڙي آ محبت ملي موٽ نفرت،
جلي دل جلائڻ چڱي ڳالهہ ناهي.

ملي نيٺ سهڻي اچي آ سڄڻ سان
تهين کي ستائڻ چڱي ڳالهہ ناهي.

ملون "نيشنل" تي اسين روز يارو،
ملڻ کي گھٽائڻ چڱي ڳالهہ ناهي.

لڳل لنءَ آ توسان سڄڻ يار منهنجي،
برهہ مَچ وسائڻ چڱي ڳالهہ ناهي.

ملائي سڳهين جي نئو هٿ مون سان،
حقارت وڌائڻ چڱي ڳالهہ ناهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي خطائن ۽ عيبن ڏي سَهُٽا،
مسلسل نهارڻ چڱي ڳالهه ناهي.

هي محبوب جوڙو وڃي نيٺ مليو،
انهيءَ کي ستائڻ چڱي ڳالهه ناهي.

هي خوشبو ۽ پيجر وٺي يار رک تون،
انهن کي ورائڻ چڱي ڳالهه ناهي.

خدا خود کيو عشق "منصور" آهي،
سبق سو ڀلائڻ چڱي ڳالهه ناهي.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڪـهـرون حق پنهنجا تـہ ڪـافر تـا سڏجون،
اڪـين تـي اســـان ڪـي هـي الـزام آهـــي.

غلامـيءَ کـان بـهـتـر تـہ ڪـافـر ٿـيـڻ آ،
اي مـنصـف! سـنـو تـنهـنجو انـعـام آهـي.

وطـــن جي مـــحـــبـــت ئـي ايمـان آهـــي،
جي ايمـــان آهـــي تـــہ اســـــلام آهـــي.

نـہ شـاعــر آ ٿـيـنـدو ڪـهـين جو غلام،
سَرِ دار چئـي ڏيــنـــدو پـيـــغام آهـــي.

اي زاهد! نـہ ڪـهرجي مـونکي تنهنجي جنت،
اســـان لاءِ سـنـڌڙي ئـــي انـعـــام آهـــي.

آ "مـنصـور" مـعلوم مـونـکـي چا ٿـيندو،
وطـــن جي مـــحـــبـــت جو انـجام آهـــي.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جستجو ۾ مان زمان تنهنجي ڪري.
غور سان هر شئي ڏسان تنهنجي ڪري.

جڏهن ڪن ٿا هو ڳالهئون بار بار،
ٿو رقيبن سان لڙان تنهنجي ڪري.

جو ڪري مسڪين هاريءَ تي ظلم،
تنهن وڏيري سان وڙهان تنهنجي ڪري.

ٿي ويون آهن اُڀهرائيءَ ۾ جي،
غلطيون سي پيو سهان تنهنجي ڪري.

ڇانئجي "منصور" ويو آ، هيءَ غم،
سنڌ کي ٿڙندو ڏسان تنهنجي ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڏکيو وقت ڏاڍو نيائي ڇڏيوسين.
اوهانکي مکر آزمائي ڇڏيوسين.

سوين سور سختيون ڏنيوسين وفا ۾،
اسان عشق تنهنجو پچائي ڇڏيوسين.

کلي منهن ڏنوسين زماني کي هردم،
غمن کي اندر ۾ لکائي ڇڏيوسين.

بچيو ڇاهه باقي؟ جو مونکان گهرين ٿو،
اسان پاڻ پنهنجو وڃائي ڇڏيوسين.

اندر ۾ مچايو، وڏو دردَ کورو،
دکي دل جو دونهون دکائي ڇڏيوسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئي ياد محفل ۾ جڏهين ب تنهنجي،
پريل جام لب سان لڳائي ڇڏيوسين.

ڪڏهن پي اوهانجي جي آڏو لنگهياسين،
اوچو ڳاٽ پنهنجو جهڪائي ڇڏيوسين.

چڙهت ڪون تيندي ڪڏهن پي اوهان تي،
هنيل داءُ پنهنجو هٽائي ڇڏيوسين.

هٿوسين هي سوچو سدا سات ڏيندين،
سڄو جڳ تو لئہ ڦٽائي ڇڏيوسين.

اوهانجي عزت لئہ اسان يار پنهنجو،
سڄو شان شوڪت گهٽائي ڇڏيوسين.

ڪري ڳالهہ "مَنصُور" شعرن ۾ پنهنجي،
سڄو حال جڳ کي ٻڌائي ڇڏيوسين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

روز تنهنجو رُسڻ، ڪا چڱي ڳالهه آ؟
گهاءِ ايڏا ڏيڻ، ڪا چڱي ڳالهه آ؟

عشق تنهنجي بڻايو اسان کي گدا،
شاهه بڻجي رهڻ، ڪا چڱي ڳالهه آ؟

وصل جي رات ڪانپوءِ قيامت ڪپي،
ٻاڪ جو هيئن ڦٽڻ، ڪا چڱي ڳالهه آ؟

گيلريءَ ۾ بيهي آرسيءَ جي اڳيان،
وار ڪولي ڇڏڻ، ڪا چڱي ڳالهه آ؟

هي رقيبن جون نيڪيون اسان جي اڳيان،
ائين هر هر ڪرڻ، ڪا چڱي ڳالهه آ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن به لاتــا نــه آهــن ســتــارا اجان،
هـام ايـڏي هـٽـڻ، ڪـا چڱي ڳالـهـــه آ؟

ديس پنهنجو هي ماتا، پتـا آ يا دوست،
هـن وطـن کـي ڇڏڻ، ڪـا چڱي ڳالـهــه آ؟

منهنجو مـذهـب ۽ ايمـان تون ئـي پرين،
ديـن پـنـهـنـجـو مـٽـڻ، ڪـا چڱي ڳالـهــه آ؟

مـــاٺ "مـنـصـــور" آهـي تـه ڇاتـي پـيـــو،
ڪنڌ تنـهـنجو ڪپڻ، ڪا چڱي ڳالـهـه آ؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

نورِ نظر کو ڏيندو آ؟
مثلِ قمر کو ڏيندو آ؟

حور جي روپ ۾ پڌجي ٿو،
هاءِ! بشر کو ڏيندو آ؟

مخمور نگاهون مارين،
ايڏو قَهُر کو ڏيندو آ؟

بي انتها مصيبت ۾،
ڇا همسفر کو ڏيندو آ؟

تولئہ نہ سوچيو هجي،
اهڙو پهرُ کو ڏيندو آ؟

ورهائي پيار ٿو، "منصور"
تنهن تي ڏمر کو ڏيندو آ؟

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڪاش هجان هان آئون سياڻو،
ڪالهه مون سمجهيو مومل راڻو.

"مون ڏي اچ تون" حڪم آ تنهنجو،
ڪيڏو وڻي ٿو دوست جو ماڻو.

مون ڪان چو ٿي ايڏو چرڪين،
مِلَ اچي آ عرض نماڻو.

توکي ڏسڻ لئه ڳوليان ڳليون،
سنڌ سنڌ ٿي پيو آهي ساڻو.

نوڙي جوڙي پيش ڪري ٿو،
ڪجهه نه ڄاڻي هيءُ اڻ-ڄاڻو.

سوريءَ ڪي ماريو "منصور"
پيڙيو ڪالهه بلاول-گهاڻو.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

زندگي خوابُ آهي.
بندگي ثواب آهي.

عشق جي چوٽن ۾،
ڪيڏو نه تابُ آهي.

مونکان ڇو هُن ڪئي،
ايڏو حجاب آهي؟

هيٺ ۽ ڦيٺ هُن جي،
مون لئه خطابُ آهي.

دوستيءَ ۾ ياري ۾،
ڪهڙو حساب آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر مک ادا آ هُن جي،
تي لاجواب آهي.

منهنجي حياتي جَنءَ کو،
ڪليل ڪتاب آهي.

مَڌ جا ڀريل ڪٽورا،
هن جو شباب آهي.

"منصور" لءِ وڇوڙو،
ڀارو عذاب آهي.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

مان دل لڳائي ويٺو هان،
۽ پاڻ ڦرائي ويٺو هان.

منهنجو داد ڪرايو يارو،
سڀ ڪجهہ ڦرائي ويٺو هان.

ڏنڏا ڏاڙيون هار سينگار،
ڪجهہ نہ بچائي ويٺو هان.

ڪوبہ نہ نڪتو ڏک جو ساٿي،
سڀ آزمائي ويٺو هان.

من مندر جي ديوي ھُن کي،
آئون بنائي ويٺو هان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙي آهہ پري جنهن لئہ،
آرام ڦـٽـائـي ويـٺـو هـان.

سهڻي صورت آ جنهن ڪي،
هن دل ۾ لڪائي ويٺو هان.

ڳـم تي ويٺي منهنجي دل،
هر جاء ٻـڌائي ويـٺـو هـان.

ڏيـٺـو سچ جو اونـدهہ ۾،
"منصور" جلائي ويٺو هان.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

خود سان ٿي ملڻ کان ڇرڪي ٿي!
حسن پنهنجو پسڻ کان ڇرڪي ٿي!

شڪ ٿيو اٿس پيار منهنجي جو،
تڏهين گل وٺڻ کان ڇرڪي ٿي!

غربت جي ماريل حسين ناري،
مردن ۾ پنڻ کان ڇرڪي ٿي!

اچيس ٿو خيال منهنجو جڏهن،
پنهنجو پاڇو ڏسڻ کان ڇرڪي ٿي!

پيءُ جيڏي سان ٿي اٿس شادي،
ان سان گڏجي وڃڻ کان ڇرڪي ٿي!

ڪيس خبر آ ته ذڪر ٿي سندس آ،
تڏهن شعرن ٻڌڻ کان ڇرڪي ٿي!

هُو ته درويش صفت آ ماٺهو،
"منصور" سان ڇو ملڻ کان ڇرڪي ٿي!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

لکي يار جا ڳڻ لکان کـهـڙا کـهـڙا،
کيان حسن جا مان بيان کهڙا کهڙا.

ڏنا سور مونکي سڄڻ يار جيکي،
سهي ڏنيم آخر سهان کهڙا کهڙا.

نہ حرفو اهو لفظ مونکي پڙهايو،
کيا پسر جنهن آشيان کهڙا کهڙا.

پنا پيار وارا پڙهان روز پيو تو،
سبق سي سکي مان سکان کهڙا کهڙا.

وڃي پير پاتم سڄڻ جي اڱڻ تي،
عجب رنگ آهن ڏسان کهڙا کهڙا.

سڏائين تو "منصور" ڏي حق جو هوکو،
ڏسان ڏين تو تون امتحان کهڙا کهڙا.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

تنهنجي زلفن جي سُرهاڻ،
مون کي ماري ٿي پر هاڻ.

سارو لوڪ لڳي ٿو چاندي،
تون ئي هڪڙي سوني ڪاڻ.

پنهنجا سڀ ڏک مون کي ڏيج،
منهنجون خوشيون تون ئي ماڻ.

جڳ ۾ ڪونہ ملي خوشبوءِ،
تو ۾ آهي جا سُرهاڻ.

نظر لڳي شل توکي ڪينَ،
دعا گهران ٿو تنهنجي ڪاڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حور پريءَ ڪان گهٽ ناهين،
ڪيئن نہ ڪريان تنهنجي واڪاڻِ.

هونئن نہ ڪڏهن بازي هاري،
تولئہ ميڻي پيئسي آڻِ.

لوڪ جيئي تو پيٽ جي لاءِ،
مان تہ جيئان ٿو تنهنجي ڪاڻِ.

تو نہ سچاتو جي "منصورُ"،
پوءِ ڏس جيئندو هي چاڪاڻِ.

❏

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

ڪلفتن جو ڪيل برسات ۾ سفر وسري نٿو.
ڪجهہ ڪلاڪن جو ٿي هڪڙو همسفر وسري نٿو.

ڪين ٿيون ڪي خاص ڳالهيون پاڻ وچ ۾ پوءِ بہ چو،
جلد منهنجي نرڙ تي آيو پگهر وسري نٿو.

ڪونہ پئي آيو يقين مون ساڻ گڏ هلندي ائين،
گڏجي هليو مون ساڻ هو مثلِ قمر وسري نٿو.

ڪهڙي ڪريان تعريف مان هُن جي حسن جي دوستو!
جو حسن پرور هو ڏنو مون ڪي چڪر وسري نٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڻ ويئل هُئي اها مورت اڳيان گڏ ڪار منجهه،
سندس پُر آشوب نظرن جو اثر وسري نٿو.

ڪلي هر هر پئي مون ساڻ ڳالهايائين محبت سان،
هن جي ساري گفتگوءَ جو ڪو اکر وسري نہ ٿو.

ائين وڪري وئي خوشبوءِ پر ٻر جيئن ٿي هوءَ ويئي،
جو نگاهن ساڻ اوتيائين سو عطر وسري نٿو.

مرڪ سان پاڳل ڪري هوءَ وئي هلي "منصور" کي،
حور جي هئي روپ ۾ هڪڙو بشر وسري نٿو.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

پنهنجي منزل ماڳ ڪٿي!
پنهنجي هٿ ۾ واڳ ڪٿي!

سنڌي ننڊ ۾ غافل هاءِ،
ڪونہ ڏسان ٿو جاڳ ڪٿي!

مارو مونکي پنهنجو ڪن،
اهڙا منهنجا ڀاڳ ڪٿي!

ڇَپَ ڇَپَ تي آ فلمي گيت،
پٽ ڌڻي جا راڳ ڪٿي!

تنهنجا ڪاڌا بيشڪ اُوچا،
مکڻ ماني ساڳ ڪٿي!

مارو سڀ مَنصُور اُداس،
چوڙيلن جا چاڳ ڪٿي!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

جي مون وٽ اچين ها، تہ ڇا ٿي پوي ها.
گهڙي ڪن رهين ها، تہ ڇا ٿي پوي ها.

نهاريم گهڻو ئي، سڄڻ تون نہ آئين،
اگر مون لڙين ها، تہ ڇا ٿي پوي ها.

رقيبن جي عيوض، اگر سور سُهڻا،
اسان سان سلين ها، تہ ڇا ٿي پوي ها.

هٿس عيد جي ڏينهن آئون ڏڪايل،
نهاري ڪلين ها، تہ ڇا ٿي پوي ها.

ڪيل قول پنهنجا نپائي نہ سگهئين،
پڌائي ڇڏين ها تہ ڇا ٿي پوي ها.

اسانجي صدائن تي ٿورو بہ جي تون،
ڌيان ڪو ڌرين ها تہ ڇا ٿي پوي ها.

سچو پيار "مَنصُور" جو هو اوهان سان،
نپائي وڃين ها تہ ڇا ٿي پوي ها.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

اهـائـي بـيـوسـي تـنـهـائـي آ.
هـن سـاڻ ڇو دل لـڳائـي آ.

بـيـرنـگ هُـئي زنـدگـي ڏاڍي،
عشق منهنجي ڪئي رهنمائي آ.

ڪهـڙو دور ڪاهي پيو آهي،
ماڻهن ۾ رهي ڪٿ سچائي آ.

توکي ساري ٻيري سڏ ڪا روئي،
دل جي حـالـت اجا اهـائـي آ.

خوش نصيبن جا تين تا ميلا،
منهنجي مقدر ۾ بس جدائي آ.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڪڙا ڪي ڪتا ڪي مٺا درد آهن.
حياتي سڄي مون سٺا درد آهن.

حياتي سڄي ۾ خوشي ڪانہ سنيران،
تيا عمر ساري ڪٺا درد آهن.

وصل ڪان هميشہ ٿي وانجهل رهيس،
جدائي جا ڇاڇا ڏٺا درد آهن.

دلاسن ۾ دلبر رهائڻ سنو آ،
اوهان جي ڏنا سي سٺا درد آهن.

جدائي جي ڪوري اندر روح ڪامي،
لڳي تو برهہ جا ٻٺا درد آهن.

سلا سڪ جيڪي سي "منصور" موريا،
اندر مينهن جيئن چڻ وٺا درد آهن.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

اسان جو سچو جسم ڏاري ڇڏيئي.
نگاهون ڪٽي يار ماري ڇڏيئي.

ٻرن ٿيون اکيون ٻن مشعلن جان ايئن،
ڏيئا جڻ تہ مندر ۾ ٻاري ڇڏيئي.

لهي چنڊ آيو اڱڻ تي وري آ،
سچو من جانان اجاري ڇڏيئي.

نگاهون ادائون ڏنم يار تنهنجون،
ڏنئي ٿد امڙي جو ناري ڇڏيئي.

ملي موٽ سهڻي ۽ مطلب مليو مون،
فقيرن جا ٻيڙا اڪاري ڇڏيئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڪل عشق منهنجو ٿيو نيٺ ظاهر،
محبت جا آڏمان اٿاري ڇڏيئي.

ٿيو جلوو تنهنجو جڏهن ڪان پرين آ،
مٺي نند منهنجي اڏاري ڇڏيئي.

ڏسڻ ۾ ملڻ ۾ ٿون ڏاڍي وڻين ٿي،
محبت ۾ منٺار ماري ڇڏيئي.

ڪري قرب "منصور" تي يار جاني،
حياتي اسان جي سنواري ڇڏيئي.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

شور آ هيءَ عام ۾ تي ويو.
ڪو شخص بدنام تي ويو.

تنهنجي چاهت مون لئہ سهڻا،
جڻ تہ ڪو انعام تي ويو.

عشق ڪيو، مون جرم ناهي،
چو وڏو الزام تي ويو.

پيار کي گهٽيءَ لڪايم،
چرچو صبح و شام تي ويو.

موت منهنجو دشمن لئہ،
خوشيءَ جو پيغام تي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي مورت من مندر ۾،
ڪفر ٻي اسلام تي ويو.

شاعري نازل ٿئي ٿي،
عشق جو الهام تي ويو.

منهنجو من ٿيو ڀورا ڀورا،
تنهنجي لئه آرام تي ويو.

مفت ۾ "منصور" ڀارو،
هاءِ جو قتلام تي ويو.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوهان ڪان واعدو پنهنجو ٻه وسري ويو،
ڏڪيو ٿي سهي اسان جو وقت گذري ويو.

تڪي مون ڏي نهارڻ ناز مان تنهنجو،
سندم دل تي چٽيو چڻ نقش اڪري ويو.

اڳڻ تي عشق جڏهين آ هلي آيو،
فڪر ۽ فهمُ سارو آهه نڪري ويو.

هُئي ٻنجر سڄي دل منهنجيءَ جي ڌرتي،
انهيءَ ۾ پيار جو ٻوٽو آ نڪري ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

دلڙي منهنجي خالي ڪوڪو،
جنهن ۾ جلدي محبت پريو.

عشق ئي سيکجهہ مون لئہ آهي،
ٻيو سڀ دلبر آهي دوکو.

توکان ڏور رهي سگهندس مان؟
تو ائين سهڻا چو آ سوچو!

سوچان وينو عشق ڇڏي ڏيان،
جيڏانهن ڪيڏانهن جيءَ جو جوکو.

ڇا تا سوچيو، محبت نفرت؟
سوئي لڀو، جيڪو پوکيو.

ڇا تي سوچين مون لئہ سهڻي،
عشق ڪرڻ ڪونهي ڪو سوکو.

محبت منجهہ حساب ڪرين ٿي،
مون وٽ ناهي ليکو چوکو.

سِر ڏني جي ڳالهہ بڻي پئي،
"منصور" آهي سستو سودو.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيار تي ويو روح سان،
ضم ٿيا سين تون ۽ مان.

مسلم- هندو مٿيا فرق،
تنهنجي منهنجي درميان.

ڪيئن ٿيان مان بيشڪر،
مون تي آ هو مهربان.

قتل ٿي وياسين تڏهن،
جڏهين ڏٺوسين جانِ جان.

تنهنجي ملڻ ڪان اڳ هُئس،
ڏاڍي اَڻ تڻ منجهه مان.

ڪيترو "منصور" تي اَچَ،
رَبُ ٿيو آ مهربان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهـڙو مـٺـبـو ڪونـہ آ سـائين!
رسـتي رڪـبـو ڪونـہ آ سـائين!

فـقـيـرن سـان مـنـڙا ائـين،
نـاتـو ڇنـبـو ڪـونـہ آ سـائـين!

ڏبـو ٿـي آهـي عـشـق ۾ هـردم،
ڪجهـہ پـِـي ونـبـو ڪونـہ آ سـائين!

بـيـدرديءَ سـان پـيـار ۾ ايڏو،
ڪنهن کي سـٽبـو ڪونـہ آ سـائين!

جنگ ۽ پيار ۾ سڀ ڪجهـہ واجب،
ڪـڏهـين هـٽـبـو ڪـونـہ آ سـائـين!

پـنـهـنـجا جي آهـن ”مـنـصـور“،
تن کي ڪـٽـبـو ڪـونـہ آ سـائـين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

وَسَ پڇڻـي تـہ پــلائـي ڇڏجان.
مـنـهـنـجو نـانءُ مـتـائـي ڇڏجان.

حـال پڇڻي جي منهنجو ڪوئي،
پنهنجو منهن ڦـيـرائـي ڇڏجان.

هـهـڙو تـهـڙو ڇڻي تون مـونـڪي،
ڪـولـيـل ڳالـهـہ ڪـتـائي ڇڏجان.

پـيـار جي ٻـاريـل شـمـع انـدر ۾،
ڏيـئـي ڦــوڪ اجهــائـي ڇڏجان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳالهہ تڏهن يا خيال اڃڻ کو،
گهڻ وڏ تون ڳالهائي ڇڏجان.

گل ڏنائين پيار ونديائين،
منهنجو ڏوهہ ٻڌائي ڇڏجان.

پاڻ کي اوچو پيش ڪرڻ لئہ،
منهنجي ذات گهٽائي ڇڏجان.

هيچُ ۽ نيچُ تہ آ ”منصور“،
سرتين کي سمجهائي ڇڏجان.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

تـوکـي آ مـون چاھـيـو سـاجن.
منهـنجو تون سـرمـايو سـاجن.

ڏيـنـدو اھـڙي لـوڪ گـواھـي،
تـوکـي ڏاڍو ڀـانـيـو سـاجن.

دل چوي ٿـي تـوکـي چمـــجي،
تـنهـنجو چاھـي رايـو سـاجن.

پـنهـنجي گـــيتن ۾ وايـن ۾،
تـوکـي ئـي مـون ڳايـو سـاجن.

سـوريءَ سـان تـو لانوَ لـهـي،
"منصور"کي ميندي لايو ساجن.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

غصي منجهه نهارين چو ٿي؟
مسڪين کي مارين چو ٿي؟

توکي ڏسڻ سان هٿ ڏکن ٿا،
ڏنڊو منهنجو ڪارين چو ٿي؟

قرب ڏئي ۽ پيار وندي جو،
اهڙو مرد ڏکارين چو ٿي؟

پيار ته منهنجو حق ۽ سَچُ آ،
سَچَ کي پو تون ٽارين چو ٿي؟

جيڪي تنهنجا پنهنجا ناهن،
وقت تنين سان گهارين چوٿي؟

ڏئي دڙڪا "منصور" کي منٿي،
ناحق اُن کي رئارين چو ٿي؟

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

منهنجو ڪعبو هڪڙي پرِي،
پوڇيان جنهن ڪي وري وري.

ڪوئلي مان يارو رڪَ تياسِين،
پرَ هُن جي دل ڪين ٺري.

مَنَ منهنجي ۾ هورا ڪورا،
توبن ڪڏهين نامه سري.

تنهنجي هٿن ۾ موت جي پايان،
سمجهان قسمت ويئي تري.

هيڏيون چوٽون، هيڏيون مارون،
ليڪن جبل ڪي پوي ڏري.

گهوري اسان ڏي جڏهن ڏٺائين،
مرڻ ڪان اڳ ۾ وياسين مري.

ايڏي شوخي جڏهن به هوندي،
"منصور" سچ پچ ويندو پري.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ملیون توکي هر جاء جفائون جفائون.
اسان جون بہ ڏس تون وفائون وفائون.

اڏامان پيو مان جڏهن کان ملين آن،
زمين کان مٿي کئين خلائون خلائون.

اسان آهيون پيارا مريضِ محبت،
ڏينِ يار وينا دوائون دوائون.

هدايت ملي شال ساري جهان کي،
گهلن شل امن جون هوائون هوائون.

چري تون، چريو مان سچو جڳ چوي ٿو،
اهو راز چڻ کي کٿائون کٿائون.

اسان هڪڙي بوسي جي بدلي کيون هن.
اي "منصور" سر جون سخائون سخائون.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکين کي ڏکائڻ، چڱو ڪونہ ٿيندئي.
اسان سان ٺٺائڻ، چڱو ڪونہ ٿيندئي.

اسان توکي چاهيو، پر دلبر اسانجي،
رقيبن سان گهارڻ، چڱو ڪونہ ٿيندئي.

ڏنئي درد ايڏو، جو آپي ٿي ڏکي ويو،
جلي دل جلائڻ، چڱو ڪونہ ٿيندئي.

برهہ باهہ ڏاڍي لڳائي آ لالڻ،
دکيل کي دکائڻ، چڱو ڪونہ ٿيندئي.

چيو تو تہ اڄجان ۾ حاضر ٿياسين،
چڙي منهن مٽائڻ، چڱو ڪونہ ٿيندئي.

ڏنئي قرب اڳ پر، جدا هاڻ ٿين ٿو،
هي "مَنصُور" مارڻ، چڱو ڪونہ ٿيندئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

هي منهنجو پنهنجو گهر آهي، هتي هلندي زبان منهنجي.
ٻيون ٻوليون جي ڳالهايم، ته ٻو ڳرندي زبان منهنجي.

ڪيا تو وار ڏاڍا ڪي، زبان منهنجي مٽائڻ لئه،
اثر ڪو ٿيو نه آ ان تي، اچا وڌندي زبان منهنجي.

مڃيل دنيا جي ٻولين مان، زبان منهنجي به هڪ آهي،
جتي ويندين جاڏي ويندين، اتي ملندي زبان منهنجي.

هي ٻاونجاهه تارن جي، عجب هڪ ڪهڪشان آهي،
ازل کان هيءَ قائم آ، سدا رهندي زبان منهنجي.

زبان منهنجيءَ کي ميٽڻ جي، عدو ڪيڏي به ڪوشش ڪر،
نه مٽڻي آهه توکان هي، نه مٽجندي زبان منهنجي.

هڻ معصوم واتن تي ڀلي تون چاڙهه ٻوٽاڙو،
حق پنهنجا وڏي واڪي گهري ونندي زبان منهنجي.

"زبانون چار قومون چار" پنجين وائي وري ڇاجي؟
ڀلي "منصور" کي ماريو، نه هي ڦرندي زبان منهنجي.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڪنهن ڏي ايڏي مائل آهين!
جو تون ايڏي گهائل آهين!

پوئرو پيهر ورٺو ناهي،
جنهنجي ايڏو تائل آهين!

داغ جدائيءَ جو توکي آ،
ايڏي تڏهن ڏکايل آهين!

اکڙيون آليون زلف پريشان،
شوخ ڪهين جي ستايل آهين!

پترن جي هيءَ دنيا آهي،
هتڙي ڇا لئه آيل آهين!

عشق بر پاڻ وڃائڻ جي،
ڏاڍي تون ڪا قائل آهين!

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

الاهي هن زماني جي، فضا ناساز ٿيو آهي!
ٻڌي ناهي ۽ هرڪو، پاڻ ۾ ناراض ٿيو آهي!

ڏسان ٿو بک بيماري، وڏي بيروزگاري اڄ،
ڪهُرن جو هي وڏيو چئني طرف آواز ٿيو آهي!

اميري ڏس اميرن جي، غريبي ڏس غريبن جي،
اهو قدرت ٻـ ماڻهن ۾، رکايو راز ٿيو آهي!

ڪري ڪو جي چڱائي ٿو، برو انجام پائي ٿو،
حسين جو وري نخرو، وڏي ويو ناز ٿيو آهي!

عجب "مَنصُور" مونکي ٿو، لڳي هن ڳالهه تي يارو،
ڪري جو چاپلوسي ٿو، اهو ممتاز ٿيو آهي!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

چنڊ چريا آرام ڪرڻ ڏي!
رات پريءَ جي نام ڪرڻ ڏي!

پنهنجي زلفن جي ڇانوَ ۾،
هڪ گهڙي آرام ڪرڻ ڏي!

يار رسي ويو آهي ساقي،
مئخاني ۾ شام ڪرڻ ڏي!

ڇو ٿو روڪين زاهد، مونکي،
سنڌڙيءَ کي پرنام ڪرڻ ڏي!

منصور کي روڪين ڇو ٿو؟
حق حقيقت عام ڪرڻ ڏي!

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

دلي درد پنهنجا نہ غيرن سان سلجان.
سدائين سفر ۾ تون پنهنجن سان هلجان.

پراون ۾ پنهنجن ۾ رکجان تفاوت،
غدارن ۾ غيرن سان ڪڏهين نہ رلجان.

اسان مرد ڏاڍا زماني کان آهيون،
اڙي ڏاڍ پنهنجا سدا پير جهلجان.

ستايل سدا آهہ سورن ۾ سنڌڙي،
ڏسي عارضي سک پنهنجا نہ ڪلجان.

نيايم ڏکيو سات توسان سدائين،
مگر ياز "مَنصُور" پنهنجو نہ پلجان.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گلڙن جهڙا تنهنجا ڳل!
تَنِ کي چمجي پيو هر پل!

تنهنجي سوني سونهن پسي،
پاڙا سارا ٿيا پاڳل!

ٻرجي آيا تنهنجا نيڻ،
ماري تن جي آب اجل!

آب اکين مان جاري آهي،
برسيا ساوڻ جا بادل!

من ۾ مونجهه وڌي "منصور"،
وعدا پارين جي نه مِٽل!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ٻاهه ٻغاوت جي ٻاري، نئون نسل اٿاري ويندا سين.
غدارن ۽ غيرن جي دل، ساڙي ٻاري ويندا سين.

اڄ ڪشتي لوڏن ۾ آهي، بس هوش! همت ۽ جوش کپي،
طوفانن ۽ انڌيارن مان، هي ٻيڙو تاري ويندا سين.

جي عمر مصيبت ۾ گذري، پرواهه نه آ ڪو فڪر نه آ،
هر مشڪل کي منهن ڏئي ساٿي، هي وقت گذاري ويندا سين.

نئون نسل جڏهن هي جاڳي پيو، آزاد وطن جو عَلَمُ کڻي،
"مَنصُور" وطن جي ويريءَ کي، هڪ منٽ ۾ ماري ويندا سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

دلڙي ڦري دلبر پوءِ ڏڪارڻ بہ چڱو ناهہ،
پاڻ نہ پڇي ٿو تہ ڏتارڻ بہ چڱو ناهہ.

هي ڪهڙي رسم ريت ۽ هي پيار آ ڪهڙو،
هر روز ڪو بهانو بنائڻ بہ چڱو ناهہ.

ظالم جو ٿو بنجين، ذرا ظلمن کي ٿڌو ڪر،
ماڻهو ڏسي مسڪين پوءِ مارڻ بہ چڱو ناهہ.

برپا ٿي قيامت ڪان اڳي آهہ قيامت،
دوزخ هي جدائيءَ جو تہ ٻارڻ بہ چڱو ناهہ.

بي سبب هي شوخي بہ نهي ڪانہ ٿي سائين،
"منصور" کي ائين تہ وسارڻ بہ چڱو ناهہ.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ حورون ٿي گهرجن نہ جنت ٿي گهرجي،
اسان لاءِ سنڌڙي ئي سينگار آهي.

اسان ماڳ سڀ ڪي پڃائي سگهون ٿا،
اسان ساڻ همت جو هٿيار آهي.

چوين ٿو سياست ۾ سازش ڪريون،
انهيءَ ڳالهہ کان پنهنجو انڪار آهي.

انڌا! سنڌ جو ڪائي ڳالهون ڪرين ٿو،
چڙو ڳالهہ ان تي تہ تڪرار آهي.

قرب ۾ ڪسر ڪَسُ ڪائي بہ ڄاڻون،
اسان وٽ نہ ليکو نہ واپار آهي.

او ساٿي! اسان لئہ ڇا سوچين پيو تون،
اسانجي محبت تہ نروار آهي.

جي غدار آهن، ڇڏي تن کي باقي،
ڪيو هر سنڌيءَ ساڻ مون پيار آهي.

ڇا "منصور" ڄاڻي سچڻ شاعريءَ مان،
ونس حق حقيقت جو اظهار آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڏسي ٿيو ڪونہ برداشت، پرينءَ کي بيوفا ٿيندي،
وري ملنداسين قيامت ۾، ٿيو فيصل جدا ٿيندي.

ملامت جو فڪر ناهي، جدائيءَ يار جيءَ ماريو،
وڌوسين جام ۾ هٿ ڇڻ، اهو سوچي فنا ٿيندي.

وڌو احسان ٿيندو جي سڄڻ مون کي ٻڌائيندين،
جزم منهنجو مٺا جاني، ڇڏي پنهنجي انا ٿيندي.

ڇڏيا ٿم در دريون کولي هلي اچ منهنجي ڪمري ۾،
بدن ڇُهہ هاڻ تون "منصور" جو هلڪي هوا ٿيندي.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڪنهن ڪي ڪنهن لاءِ روئندي ڏٺوسين،
لڄندي ڦٿڪندي ۽ مرندي ڏٺوسين.

دلبر جي گهٽين ۾ عاشق ڪي يارو،
پاڳلن جيان هو ڀٽڪندي ڏٺوسين.

زهر پيالو مليو، جڏهن سقراط کي،
خوشيءَ سان ڪيس کي پيئندي ڏٺو سين.

ڪونهي جرم ڪو هُن جو سواءِ اِنَ جي،
محبتون هردم ونڊيندي ڏٺوسين.

سرحدون عشق جون مٽي هِن ڌرم ڪان،
فرق مسلم-هندو، مٽجندي ڏٺوسين.

خدا خود ٿيو آهي، مهربان هن تي،
تڏهن عشق تحفو ملندي ڏٺوسين.

نہ آ ڏوهہ ڪو رقيب منهنجي جو،
پنهنجو ئي مهربان ڦرندي ڏٺوسين.

نہ موت ئي اچي ٿو، نہ ڪا موٽ آئي،
انهيءَ حال "منصور" مرندي ڏٺوسين.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

زندگيءَ کي مرڪندي گهاري ڇڏيوسين.
ڪجهہ لمحا موت کي ٽاري ڇڏيو سين.

اکين جي ڪڏهن روشني ڪم نہ ايندي،
ڏيئو دل جو هيڪر تہ ٻاري ڇڏيوسين.

اسان جي نصيبن ۾ غوطا ئي غوطا،
مگر تنهنجي ڪشتيءَ کي تاري ڇڏيوسين.

وڏائي جڳائي نہ انسان کي ٿي،
غصي، غرور ۽ آڪڙ کي ماري ڇڏيوسين.

محبت ۾ يارو مرڻ کان اڳيئي،
پنهنجو پاڻ "منصور" ماري ڇڏيوسين.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

زندگيءَ جو ڪتاب ٻوليون ٿا.
۽ لاڳيتو حساب ٻوليون ٿا.

هيڏي نفرت ڏسي ڪري يارو،
محبتن جو شراب ٻوليون ٿا.

ڏاڍي مونجهه ماحول ۾ آهي،
ڪو نئون انقلاب ٻوليون ٿا.

ڪيڏو حسن لڪيل آ پردي ۾،
سوچ ۾ سو شباب ٻوليون ٿا.

خط آيو ته آهي، پر ڪنهن جو؟
ڊڄندي ڊڄندي جواب ٻوليون ٿا.

"منصور" ڪي پڪار جي چا سان،
ڪوئي ڳڻجي خطاب ٻوليون ٿا.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڪبي تہ محبت ناهي سائين!
بس تي ويندي آهي سائين!

پيار جي منزل درد جي هانءِ،
خبر پئي آ ڇاهي سائين!

جڏهن بہ ڪائي چوٽ لڳي ٿي،
ڇڏي ٿي باقي ناهي سائين!

فقير آخر رمندو رهندو،
ڪٿو اجايو باهي سائين!

عشق نہ آهي سيج گلن جي،
سچُ چيو ڪنهن ڏاهي سائين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون جڏهين آ سچ ڳالهايو،
هر ڪو مون تي ڪاهي سائينءَ

ڌرتي ماتا پنهنجو گهر آ،
ڪوئي پاڳل ڏاهي سائينءَ

سوئي منهنجو ساٿي آ جو،
ناهه نيڪيءَ جا ڏاهي سائينءَ

پيار ۾ درد هزارين پوءِ به،
"منصور" توکي چاهي سائينءَ

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـنـا مـجبور کـي منهنجو ڏيکاريندين تہ ڇا ٿيندئي،
کلي هڪڙو دفعو مونکي ڪيکاريندين تہ ڇا ٿيندئي.

سڪان ديدار تنهن جي لئہ، صدين کان مان پيو سائين،
ڪٺي تون نينڻ اي نرمل نهاريندين تہ ڇا ٿيندئي.

جڏهن مرڪي منا مونڏي نهارين ٿو تہ مارين ٿو،
پري ڪو پيار جو پيالو پياريندين تہ ڇا ٿيندئي.

پڇاڻان اي پرين تنهنجي خوشي مون کان رسي وئي آ،
اڃي هيڪر اڱڻ منهنجو اجاريندين تہ ڇا ٿيندئي.

ڪيو تو نيم بسمل آهہ نيزا نينهن جا ماري،
مثل "مَنصُور" کي منڙا جياريندين تہ ڇا ٿيندئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڇڏي جي وياسي وري ڪين وريا،
سدا قول پنهنجو نہ پاري سي سگهيا.

اسان جون وفائون انهن جون جفائون،
ڏئي قرب پو چو اڱڻ سي نہ لڙيا.

اسان عشق جي راهہ ڇائون سجائون،
سدائين ليايون، مگر پاڻ ڦريا.

اسان توکي چاهيو مگر تو ڌڪاريو،
ڏنيوسين صدائون نہ تو ڪن ڌريا.

عجب عشق تنهنجو اي "منصور" آهي،
ڏئي دل، شڪايت ڪرين تو پو ڇريا.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

پل پل توکي ساريان وينو،
تنهنجا پور پچاريان وينو.

سنڌي پائر متحد ناهن،
گولڊر تنهن پر گهاريان وينو.

ڌارين چڙيو سنڌ کي ڪائي،
توکي سائين پڪاريان وينو.

جبل مصيبت، آءُ اڪيلو،
پوءِ بہ ڏونگر ڏاريان وينو.

چئني طرفين، غيرن گهيريو،
ٻولي دشمن ماريان وينو.

سن جا سائين سور هزارين،
سيني سانڍي گهاريان وينو.

مون منصوري دم هنيو آ،
سچ جي رسم جياريان وينو.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڏک سک سنڌ لئہ سهبا هلبا.
غيـــرن جا ســـر وڍبا هـلـبـــا.

ســاتي جيــڪي يــاڙي ٿــيـنـدا،
رســـتـي ۾ ســي چڏبـا هـلـبـــا.

سـنـڌ وطـن لـئـہ جيـڪي لـڙنـدا،
ســاتـي ســاڻ ســي ڪـٺبـا هلبا.

ون يـونـٽ ڪـي جن پـي ٺـاهـيـو،
پـيـرن هيـٺـان چٿـبـا هـلـبـا.

غدارن آ ڪــين گــهـــٽــايـــو،
سِرَ انـهـن جا ڪـپـبـا هـلـبـا.

جيــئـي ســنـڌ آ حــق جو نـعـــرو،
ڪـوڙا نـعـرا ڪـٽـبـا هـلـبـا.

مــڙسـيءَ ســاڻ چـئـي "منـصــور"
پنـهـنجا سـڀ حق ونـبـا هلبا.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

گلابي گهٽائون ڇڏيو تو وڃان مان،
جنوني وفائون ڇڏيو تو وڃان مان.

فرشتو يا ماڻهو هئو يار ڇاڇا؟
اهين ڪٿين ڪٿائون ڇڏيو تو وڃان مان.

سُڃاتئي نه مون کي سڄڻ يار جاني،
فقيري صدائون ڇڏيو تو وڃان مان.

رهين خوش اي مومل سدائين سُکن ۾،
اهي ئي دعائون ڇڏيو تو وڃان مان.

اکيون ڇا هيون جڻ عقابي نگاهون،
ڪي ليزر شعاعون ڇڏيو تو وڃان مان.

اسان کي نه ڇاتو سڄي جڳ جانان!
نراليون ادائون ڇڏيو تو وڃان مان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـنـائڻ لئـہ منهنجي تـيـو ڇا نـہ آهي،
ملـيـل سـڀ دغائـون ڇڏيـو تـو وڃان مـان.

نـہ اڃبـو نـہ وڃبـو نـہ ملـبـو نـہ رلـبـو،
حـسـن جون ادائـون ڇڏيـو تـو وڃان مـان.

کـيـو تـنـگ ڏاڍو زمـانـي آ مـونـکـي،
گـلائـون بـلائـون ڇڏيـو تـو وڃان مـان.

هٿي حق جو نعـرو مـان "منصـور" بڻجي،
جزائـون سـزائـون ڇڏيـو تـو وڃان مـان.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

O

شريعت جون رمزون کنيو تو وچان مان،
طريقت جون رمزون کنيو تو وچان مان.

جتان کان هليو آن اوڏانهن آهه ورتو،
حقيقت جون رمزون کنيو تو وچان مان،

لتايو کهايو آ، اسلام خاطر،
حسينيت جون رمزون کنيو تو وچان مان.

علم چام احمد کان جيڪو مليو آ،
معرفت جون رمزون کنيو تو وچان مان.

بزرگن ۽ صوفين جو اتساهه بخشيو،
هدايت جون رمزون کنيو تو وچان مان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بچيا باھہ ڪان پر ھلاد ۾ خليل،
ھو ليڪت جون رمزون ڪنيو تو وڃان مان.

عمر آخريءَ ۾ مليو عشق تحفو،
ولايت جون رمزون ڪنيو تو وڃان مان.

ڏبوئي ڏبو آ، ونڻ جو لہ سوچيو،
عشاقيت جون رمزون ڪنيو تو وڃان مان.

ھي سرمد ۽ "منصور"، سچل بلاول،
صداقت جون رمزون ڪنيو تو وڃان مان.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

پنهنجو ميلو مشڪل آهي،
دين ۽ دنيا حائل آهي.

تو جڏهن کان منهن موڙيو آ،
اوکو گذريو هر پل آهي.

ڪيئن اچي ڪو تنهنجي در تي،
رستو سارو دلدل آهي.

ويجهو هوندي ايڏي دوري،
من مندر ۾ هلچل آهي.

سوچن تي چو ايڏا پهرا،
روح اسان جو گهايل آهي.

ڪيئي رنگ ڪڙي پيا آهن،
جسم ٻہ ڄڻ ڪا ململ آهي.

سچ ٻڌائي تو "منصور"
قتل ٿيڻ جي قابل آهي.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وايون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

مـــان ڇو ايـڏو مـنـتـــشـــر؟
پاڻ کان پل پل پڇان!

ڇا سـنـدمـ دل تـي ويـو تـي،
هـــن جو جادوئـــي اثـــر-
پاڻ کان پل پل پڇان!

شخصيت منهنجي لڏي وئي،
هاء تـيـو ڪـيـڏو قـهـر-
پاڻ کان پل پل پڇان!

جڻ تہ سڀ ڪجهہ آ جلي ويو،
جان مـنـهـنـجي ۽ جگـر-
پاڻ کان پل پل پڇان!

زندگي تنهنجي گهڙي مان،
ڪـيـتـرو پـيـئـبـو زهـر-
پاڻ کان پل پل پڇان!

ڇو ڏکـهـو "منصور" لئہ،
تـي ويـو آهـي سـفـر-
پاڻ کان پل پل پڇان!

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

يار ڏمر ۾ ڪيترو؟
ڏونگر ڏس تون ڏيهه ڪي.

حسن بشر ۾ ڪيترو،
گهاءُ نظر ۾ ڪيترو؟
ڏونگر ڏس تون ڏيهه ڪي.

موت زهر ۾ ڪيترو،
ڏنگ ڪپر ۾ ڪيرو؟
ڏونگر ڏس تون ڏيهه ڪي.

ڪير چڪر ۾ ڪيترو،
سچ اکر ۾ ڪيترو؟
ڏونگر ڏس تون ڏيهه ڪي.

چاهه ذڪر ۾ ڪيترو،
تاب قمر ۾ ڪيترو؟
ڏونگر ڏس تون ڏيهه ڪي.

ساءُ پهر ۾ ڪيترو؟
وقت حشر ۾ ڪيترو؟
ڏونگر ڏس تون ڏيهه ڪي.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

تنهنجي ياد ستائي، ساجن، تنهنجي ياد ستائي.
تنهنجي ياد ستائي.
تون جو ناهين ڪجهه پڻ ناهي، ويو اسانکي ورنهن ورائي.
تنهنجي ياد ستائي.
عشق سنڌ ۾ سهڻا سائين،اسان ويناسين دونهين دکائي.
تنهنجي ياد ستائي.
انگ انگ ۾ آ محبت تنهنجي، جو وئين اهڙو نينهن لڳائي.
تنهنجي ياد ستائي.
مٺڙين مٺڙين ڳالهين سان تون، وئين اسانجي دل پرچائي.
تنهنجي ياد ستائي.
جنم جنم کان گهايل آهيان، ڪو تہ هجي جو ڏک ورنائي.
تنهنجي ياد ستائي.
رات هلي وئي، سحر اچي پئي، اسان تہ وياسين قول نڀائي.
تنهنجي ياد ستائي.
مَلڪ چو تو، تون گهبرائين، خدا اڃهو تو محب ملائي.
تنهنجي ياد ستائي.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ساٿي لهه ڪا هاٿي سار، درد ڏکايو ڏونهون دل ۾!
ساٿي لهه ڪا هاٿي سار.

بادل مان جيئن بوندون برسن اکيون وسن ائين ميگهه ملهار!
ساٿي لهه ڪا هاٿي سار.

راتين جو آرام نه آهي، ڏينهن به ڏنگي او ڏاتار!
ساٿي لهه ڪا هاٿي سار.

جام هٿن سان پنهنجي جاني، رندن کي تون اڄ ڪو پيار!
ساٿي لهه ڪا هاٿي سار.

نگر نگر اڄ لڇي نانگو، جنهن کي لينهن ڪيو نروار!
ساٿي لهه ڪا هاٿي سار.

توجي وهه پياريو جاني، ناهي مونکي ڪو انڪار!
ساٿي لهه ڪا هاٿي سار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نند نندوري آهي سائين، ڪر سجاڳي منهنجا يار!
ساٿي لهه ڪا هاٿي سار.

ڏاڍ جو ڏونگر آهي اوچو، همت سان تون تنهن کي ڏار!
ساٿي لهه ڪا هاٿي سار.

دشمن جيڪي سنڌ جا آهن، ڳولي اهڙا موذي مار!
ساٿي لهه ڪا هاٿي سار.

ڏاڍو ڏکيو ڪهاريان وينو، ڏينهن به ني ڪي ڪڏ گذار!
ساٿي لهه ڪا هاٿي سار.

سک تنهنجي ۾ سهڻا سائين، "منصور" سجائي آهي دار!
ساٿي لهه ڪا هاٿي سار.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

هر پل حاوي رهندي مون تي، سنڌ وطن جي تاري تات.
جيئي سنڌ جي وائي وات!

منهنجو ٿيندين، ميٺي پونڊءِ، هرڪا منهنجي دل جي بات.
جيئي سنڌ جي وائي وات!

ڇا ٿو سوچين، منهنجا ساٿي، توڙي آهي ڪاري رات.
جيئي سنڌ جي وائي وات!

سنڌي ٻولي، قومي ٻولي، آهه لڳي سڀ ڪنهنکي لات.
جيئي سنڌ جي وائي وات!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو نہ ٿا سوچون سنڌ سواڪجهہ، سوچ جي آهہ عطا ٿي ذات.
جيئي سنڌ جي وائي وات!

هر جا هر هنڌ آمر ظالم، دشمن ٿيندا رهندا مات.
جيئي سنڌ جي وائي وات!

سيئي ماڻهو ڀائر آهن، ڪير ڀڃي ٿو ذات صفات.
جيئي سنڌ جي وائي وات!

سڄ "منصور" اجهو ٿو ايري، مَلڪ ڦٽي پئي ٿي پرڀات.
جيئي سنڌ جي وائي وات!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

عجز نياز سان جهڪي ڪندو جو، سنڌڙيءَ کي پرنام،
اسانجو مٿس سلام!

جيئي سنڌ جو هرپل هردم، جيڪو پيئندو جام،
اسانجو مٿس سلام!

وڙهندي وڙهندي ويرين سان جو، سنڌ لئہ ٿئي قتلام،
اسانجو مٿس سلام!

سنڌ جيجل لئہ سرڙو ڏيندو، جو ٻچڙو گلفام،
اسانجو مٿس سلام!

غيرن جي تہ صفن ۾ ساٿي، وجهندو جو ماتام،
اسانجو مٿس سلام!

سنڌي پڙهندو، سنڌي لکندو، سنڌي ٿيندو عام،
اسانجو مٿس سلام!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دودو ٻنجي رهڻو پوندو، ٻڌبو ڪونہ غلام،
اسانجو متس سلام!

سنڌي ٻولي قومي ٻولي، آهي هي الهام،
اسانجو متس سلام!

پنهنجا حق ڪسي اچ ونبا، پل تہ لڳي الزام،
اسانجو متس سلام!

غير غدار تي جوب وجهي تو، لعنت صبح و شام،
اسانجو متس سلام!

مَلڪ امڙ کي سجدو ڪريان، سنڌ وڏو انعام،
اسانجو متس سلام!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

موت جا ماريندو مونکي، مان موت کي ماري ويندس.
جيون کي سنوار ي ويندس!

جذبو عشق جو مان تنهنجي، سيني ۾ اتاري ويندس.
جيون کي سنوار ي ويندس!

جبل مصيبت جا مان سائين، ڏاڍا ڏاري ويندس.
جيون کي سنوار ي ويندس!

ڇا ٻہ ٽئي پر تولئہ مان، ڪيئين رنگ نکاري ويندس.
جيون کي سنوار ي ويندس!

عشق تنهنجي ۾ پرواني جان، پاڻ کي ٻاري ويندس.
جيون کي سنوار ي ويندس!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي راتي توسان سيئي، واعدا پاڙي ويندس.
جيون کي سنوار ي ويندس!

موت جي بستر تي يي توکي، ڏاڍو ساري ويندس.
جيون کي سنوار ي ويندس!

مون چاهيو آ مان توتان، سڀ ڪجهه واري ويندس.
جيون کي سنوار ي ويندس!

"منصور" ته آهيان آئون منڙا، سوري کي سنواري ويندس .
جيون کي سنوار ي ويندس!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۱٥

اجڙي ٻوٽ ٻلـــي وئـــي،
مون کان ڏور هلي وئي.

"توکان ڏور گذاريندي!"
پنهنجي دل نہ پلي وئي-
مون کان ڏور هلي وئي.

تنهاين جي ميلي ۾ آ،
ڪائي آس جلي وئي-
مون کان ڏور هلي وئي.

آئي ڳالهہ چپن تائين،
ڪيئن آ هوءَ الي وئي-
مون کان ڏور هلي وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گـــل اجان نـــاهــي بـــڻــي،
مـــاري ڄڻ تـہ ڪـلـي وئـي-
مـون کـان ڏور هلي وئي.

تنهنجي منهنجي پيـار جي،
جت ڪٿ ڳالهہ هلي وئي-
مـون کـان ڏور هلي وئي.

روئـنـدي آ "مـنـصـور" جي،
ســـاري رات ڍلـــي وئـــي-
مـون کـان ڏور هلي وئي.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

منهنجو من آتو،
پير نہ تو پاتو-
ڪوئي ڪارڻ آ پرين.

سامہ سڏڪا تو پري،
من تولئہ آ تو-
ڪوئي ڪارڻ آ پرين.

اکين ۾ ڳوڙهن سندو،
توسان ئي ناتو-
ڪوئي ڪارڻ آ پرين.

ڪيڏو دل کي تو وٺي،
چوڪر هيءُ ٻاتو-
ڪوئي ڪارڻ آ پرين.

توسان ئي "منصور" آ،
نينهن پرين لاتو-
ڪوئي ڪارڻ آ پرين.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ياد اوهان جيءَ ۾ سچو،
بدن پيو تو سڙي-
شل ائين نہ ڪنهن سان ٿئي!

پنهنجي در تان فقير ڪي،
هر ڪوئي تو تڙي-
شل ائين نہ ڪنهن سان ٿئي!

عشق اوهانجي ۾ پيو سدا،
آب اکين مان ڳڙي-
شل ائين نہ ڪنهن سان ٿئي!

عشق عقل ٻئي پاڻ ۾،
ڪير نہ ڪنهن سان لڙي-
شل ائين نہ ڪنهن سان ٿئي!

ڏس تولئہ "مَنصُورُ" پيو،
هر پل روئي رڙي-
شل ائين نہ ڪنهن سان ٿئي!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ٻين سان تو مرڪين پيو،
مون ڪان تو ڇرڪين پيو-
صنم انهيءَ ڪي ڇا چئون؟

رقيبن کي چاهين سدا،
مون کي ڏاهين سدا.
صنم انهيءَ ڪي ڇا چئون؟

ٻين سان تون محبت ڪرين،
مون سان ٿي نفرت ڪرين-
صنم انهيءَ ڪي ڇا چئون؟

ٻين کي پرچائين پرين،
مون سان اڇائين پرين-
صنم انهيءَ ڪي ڇا چئون؟

غيرن سان محفل مٿل،
مون لئه جڻ آهي اجل-
صنم انهيءَ ڪي ڇا چئون؟

ٻين لئه ٻاجهارو سدا،
۽ مون تي مارو سدا-
صنم انهيءَ ڪي ڇا چئون؟

هن جي من ۾ پياس ڇو،
آهي "منصور" اداس ڇو-
صنم انهيءَ ڪي ڇا چئون؟

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظرن کيو قهر،
صنم گهڻو پيار ڏي.

تنهنجي در جي سامهون،
شل ٺَهي منهنجو گهر.
صنم گهڻو پيار ڏي.

جڻ آ ڳڙڪائي وئي،
نفرت هيءَ ننگر.
صنم گهڻو پيار ڏي.

شاهد پنهنجي پيار جو،
اوڙو پاڙو، تر.
صنم گهڻو پيار ڏي.

توکي جي سجدو ڪيان،
ڪهڙو آهه ڪفر.
صنم گهڻو پيار ڏي.

پيار ڪري توسان آ،
تيو "مَنصُور" اَمرُ.
صنم گهڻو پيار ڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو تون آن، آئون تنهنجو، پرتو، توکي هيءُ غريب.
راهون تنهنجون روز نهاريان!

حب هميشه تنهنجي دل ۾، آهين منهنجو تون ئي نصيب.
راهون تنهنجون روز نهاريان!

وڃ نه پري تون مون کان جاني، رهه تون منهنجي يار قريب.
راهون تنهنجون روز نهاريان!

عشق مچائي آتش آهي، باهه اندر ۾ ٻري عجيب.
راهون تنهنجون روز نهاريان!

ثنا حسن جي ڪنهن لکي آ، اهڙي طاقت ڪنهن نه اديب.
راهون تنهنجون روز نهاريان!

نوڪر ٿي مان تنهنجو رهندس، منهنجي تن جو تون ئي طبيب.
راهون تنهنجون روز نهاريان!

مون منصور سڏايو جڏهين، منهنجو ٿيو جڳ رقيب.
راهون تنهنجون روز نهاريان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

اگــر سـنـڌ جيــجل جيــارڻ گـــهــرين تــو،
اگــر مـــاءُ جو هــانءُ ٺــارڻ گـــهـــرين تــو،
وطـن تان مـصـيـبت جي ٽارڻ گـهـرين تـو،
۽ غدار دشــمــن کـي مــارڻ گـــهــرين تــو،
تـہ چڱ مـــاءُ جي جهـ ـلـي هـلـيـو آءُ ٻـاهـر،
وري اڄ تـــــي ڏيــــکــــار دودو دلاور.

لـطـيـفـي جي ٻـولـي جيــارڻ گـــهــريـن تـــو،
دريـا خان جو روح ٺـــارڻ گـــهـــريـن تـــو،
عـزت ســاڻ دنـيـا ۾ گـــهــارڻ گـهـرين تـو،
امـــرُ ســـاڻ جي قـــول پـارڻ گـــهـــرين تـــو،
تـہ سر گـهـور، گـهـرگـهـور، هوشوءَ وانگر،
يـا سـوريءَ کـي سـيـنگـار، هـيـمـون وانـگـر.

اگـــر ڏاريـن کـي ڌڪـارڻ گـــهـــريـن تـــو،
۽ تــن لاءِ ٻـارڻ جي ٻارڻ گـــهـــرين تـــو،
سـيـٺي حق پـنـهـنجن کي ڏيارڻ گـهرين تـو،
تـہ جلـدي جيـٺـي سـنـڌ نـعـرو هـٺـي اُٿ،
هـٿـن مـنـجهــ جهـنـدو وطـن جو کـٺـي اُٿ.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

او سائين...!

منهنجي جيت ٻه هار او سائين،
ڇا ڪان تنهين بيزار او سائين.

قول نياڻن جا تو ڪيڙا،
وعدا تنهنجا ڪاڏي ويڙا،
ڇالئه ڪيئي انڪار او سائين.

واه پيارا پيار اوهانجو،
تو ٻن هيٺو حال اسانجو،
توکي سڀ اختيار او سائين.

پيار جو پند اڻانگو آهي،
پيار جو ملهه مهانگو آهي،
وڪون هلئين ني چار او سائين.

توتان صدقي سيڪجهه ڪريان،
ساهه به پنهنجو گهوري ڇڏيان،
اگر تني ديدار او سائين.

سند ڏکن ۾ تون چپ آهين،
حيف هجئي "منصور" سڏائين،
شعر ۾ شعلا ٻار او سائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

آتي جاڳ سنڌي، آتي جاڳ سنڌي،
سڱهو ماڻ پنهنجو، وري ماڳ سنڌي.

دل و جان سان سنڌ جي خدمت ادا ڪر،
غدارن ۽ غيرن تي لعنت سدا ڪر،
ورائج وري ديس ڏي واڳ سنڌي.

جيئي سنڌ نعرو سرعام آهي،
لبن تي رهيو سنڌ جو نام آهي،
"جيئي سنڌ" جو ڳاءِ اڄ راڳ سنڌي.

اسان کي مرڻ سنڌ لئه منظور آهي،
اسان ۾ مَلڪ هرڪو "منصور" آهي،
وريو جاڻ پنهنجو اجهو ڀاڳ سنڌي،

آتي جاڳ سنڌي، آتي جاڳ سنڌي،
سڱهو ماڻ پنهنجو، وري ماڳ سنڌي.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

مولانا عبيدالله سنڌي رحہ

ڪئي اسلام جي پرچار، مولانا عبيدالله.
غريبن سان ڪيو آ پيار، مولانا عبيدالله.

ڏنو انسانيت جو درس پنهنجي وقت ۾ دولهہ،
حقيقت کي ڪيو نروار، مولانا عبيدالله.

سچائي ۽ صداقت جو ڪري پرچار دنيا ۾،
امن لئہ راهہ ڪئي همواز، مولانا عبيدالله.

رهي سنڌ ۾ ويا بلڪل، سنڌيت جي رنگ ۾ رڱجي،
وطن سنڌ سان ڪيائون پيار، مولانا عبيدالله.

امن اتحاد جو پيغام ڏئي اقوام عالم کي،
مٽايو جنگ جو آزار، مولانا عبيدالله.

سوا سرڙو سهائڻ جي، لہ ملندي يار آزادي،
اٿو جاڳو، ڪٿو هٿيار، مولانا عبيدالله.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڪائي عزم هن جي ڪي، نہ سگهيو ڪو ڪڏهن آمر،
ڪيو هر آڇ ڪان انڪار، مولانا عبيدالله.

"عدل، انصاف، آزادي" هئو نعرو تہ سنڌيءَ جو،
اصولن تي نہ ڪيو واپار، مولانا عبيدالله.

اسان سنڌي ويچون سڌري، غلامي ڪان تيون آجا،
هندايون جي فڪر انڪار، مولانا عبيدالله.

وڏو جنهن سنڌ ساگر پارٽيءَ جو سنڌ ۾ پايو،
ڪيو هُن قوم کي بيدار، مولانا عبيدالله.

اسان طالب اوهان عالم اچو گڏجي ڪيون ڪوشش،
وطن سنڌو ڪيو، گلزار، مولانا عبيدالله.

اسان "مَنصُور" موجوده، زماني جا سڏايون تا،
ڏئي هوڪو سجايون دار، مولانا عبيدالله.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

جلي جلي دل جلي وئي

الذي دنيا کي سمجهائين، ڇالئہ وينو نير وهائين،
ڇو تو پنهنجو وقت وڃائين، سڀ کي وينو شعر ٻڌائين،
نعرو جيئي سنڌ لڳائين، پير نہ پنتي ڪڏهين پائين،
ڇو تو پنهنجي نند ڦٽائين، عشق سنڌء کي سمجهيم سائين،
ڪانہ پرولي سلي وئي، جلي جلي دل جلي وئي.

السانيت جو سبق ڏئين ٿو، گونگن ماٺهن لاء رئين ٿو،
نند ڦٽائي شعر چوين ٿو، ڪتين ۾ تون پاڻ ڪرين ٿو،
سچ چوڻ ڪان ڪين ڊڄين ٿو، آمر ڪان تون حق گهرين ٿو،
جيئي سنڌ جي ڳالهہ ڪرين ٿو، غير غدار سان خوب لڙين ٿو،
نند آ تنهنجي هلي وئي، جلي جلي دل جلي وئي.

دنيا ليڪن دوکو آهي، هتڙي سيڪو مطلب چاهي،
سچ واري تي سڀ ڪو باهي، ڪوڙ چوڻ تي ڪجهہ ٻي ناهي،
ٿورن ماٺهن سمجهيو آهي، جيئي سنڌ جو مطلب ڇاهي،
سنڌ وطن تي سيڪو ڪاهي، سيڪو سچ سان سينو ساهي،
گولي هت آ چلي وئي، جلي جلي دل جلي وئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجن ساڻ پيار ڪرين ٿو، الفت جو اظهار ڪرين ٿو،
انسانيت لروار ڪرين ٿو، دم دم ۾ ديدار ڪرين ٿو،
سنڌڙيءَ لئہ ويچار ڪرين ٿو، راه ڏکي همـوار ڪرين ٿو،
سوريءَ لئہ سينگار ڪرين ٿو، هت هُت نيڻ نهار ڪرين ٿو،
تـنـهـنـجي راه آ جهـلـي وئـي، جلـي جلـي دل جلـي وئـي.

سنڌ اسان لئہ سڀ ڪجهہ آهي، ڪير انهيءَ سان سينو ساهي،
بد خواهن کي رکـبـو ڏاهـي، ڪنڌ انـهـن جو ڇڏبو لاهـي،
جيـڪـو پنهنجن تي تـو بـاهي، اهو اسـان مـان نـاهي نـاهي،
ٻچو ٻچو ٿيـو باغي آهي، هرڪو اڄ "منصور" ٿـيو آهي،
ريـتـي تـي هـر ڳلـي وئـي، جلـي جلـي دل جلـي وئـي.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

سـنـڌ جا دودا جلـدي اٿ،
شـاعـر سـاٿـي اڳتـي اٿ.

سـنـڌڙي تـي اڄ تـوکـي سـاري،
سـنـڌي ٻـولـي پـيـئـي پـڪـاري،
ديـر نـہ ڪـر تـون ايـڏي پـاءِ.

سنڌ امـڙ تـان سـر ڏيـنـداسـون،
هوشـو هيـمـون سـڀ ٿـينداسـون،
جيـئـي سـنـڌ جو ڪـر ڦـهـلاءُ.

مـڙس ٿـي ويـرن سـان وڙهـنـداسين،
سنڌ نـہ پـنـهـنجي يـر ڏيـنـداسين،
پـنـهـنـجو سـڀ ڪـي آهه چـتـاءُ.

سنڌ کي ٿـاهيـو ۽ سـيـنـگـاريـو،
علـم سنـديـون اڄ ڄاٽـيـون ٻاريو،
آٽـيـو شـمـعـن وارو شـعـاءُ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر سنڌي آ ياءُ اسانجو،
پنهنجن سان سرچاءُ اسانجو،
ورندو چاڻ سکن جو واءُ.

تو کئي پياري پنهنجي جندڙي،
مونکي ساهه کان پياري سنڌڙي،
جنهن جولنءُ لنءُ منجهه لڳاءُ.

يت ڏٺيءُ جي ڀهڳڻ ٻولي،
سنڌ امڙ جي منڙي لولي،
جنهن مان خوب اچي ٿو ساءُ.

سنڌي آهيون، سنڌي ڳايون،
سنڌيءَ ۾ سڀ سان ڳالهايون،
سنڌ "مَلَڪَ" آ جيجل ماءُ.

سنڌ جا دودا جلدي آءُ،
شاعر ساٿي اڳتي آءُ.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

مان گهايل هان- مان گهايل هان

هن سنڌ ڌرتي جي سيني تي، مون ڪيئي سور سٺا آهن،
ڪجهه پنهنجن کان ڪجهه ڌارين کان، مون ڏکيا ڏينهن ڏٺا آهن،
هن سنڌو ماتا ڌرتيءَ لئه، هت ڪيئي جوان ڪٺا آهن.
مان گهايل هان، مان گهايل هان.

اسان هن کي قرب ڏنو ۽ هت ير هت ڏئي تاريو آ،
اسان هن کي پاءَ سڏي، هر ساه ير سانڍي ساريو آ.
هو پنهنجي پولي پولي تو، هو ڌاريو آخر ڌاريو آ،
مان گهايل هان، مان گهايل هان.

هن سنڌ وطن جي سانگين تي، ڪي ڌاڙيلن جا ڌاڙا هن،
۽ جو پيي شاعر حق چوي ٿو، تنهن لئه ڪات ڪهاڙا هن،
پر آءُ ڏسان ٿو ويرين جا، اڄ پول اسان سان پاڙا هن،
مان گهايل هان، مان گهايل هان.

پنهنجن کان جي گهاءُ رسيا سي، سيني اندر ساريان ٿو،
سنڌڙيءَ سان جي قول ڪيا ٿم، هڪ هڪ هاڻي پاريان ٿو.
غير غدار تي لعنت وجهيو، پنهنجي دل کي ٺاريان ٿو،
مان گهايل هان، مان گهايل هان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ٻول لطيفي ٻولي اٿ، اڄ سچ جي واٽ کي ڳولي اٿ،
۽ آزاديءَ جو علم کڻي، زنجير غلاميءَ کولي اٿ.
ڌڻي آزاديءَ جو درس سڄڻ، تون ذهن کي ڇاڇولي اٿ.
مان گهايل هان، مان گهايل هان.

تون ڇا ٻه چوين تون ڇا ٻه ڪرين، هر ظالم کي اڄ مرڻو آ،
جا ڇٽنگ دکائي ڪالهه هئي، اڄ ٻارڻ تنهن مان ٻرڻو آ.
هڙ غيرن کي ساڙي ٻاري، آزاد وطن کي ڪرڻو آ.
مان گهايل هان، مان گهايل هان.

مونکي آ منظور اگر، بهتان اوهان کي مڙهڻو آ،
مان آهيان "منصور" سو مونکي! ڦاهيءَ تي اڄ چڙهڻو آ.
پل سوريءَ تي چاڙهيو مون کي، پر سچ جو ڪلمو پڙهڻو آ.
مان گهايل هان، مان گهايل هان.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڪـهـوڻ ڀـڻـائـي تـون ٿـي چئـــ،
انصاف جو ڪهڙو ڳـهـنـڊ وڃايان!

ڳـهـر ۾ ان جو داڻـو نـاهـي، هاري ڏس تـہ ڪـيـئـن جئـي ٿـو.
پيٽ مـٺـارو خان وڏيرو، مـحـلـن مـنـجهـہ شـراب پئـي ٿـو.
هيءُ نظام، انـڌير نـنگر جو، من ڪـي ڪـيڏي پـيـڙ ڏئـي ٿـو.
ڪـهـوڻ ڀـڻـائـي تـون ٿـي چئـــ،
انصاف جو ڪهڙو ڳـهـنـڊ وڃايان!

تنهنجي ورسيءَ تي او ڀڻائي، هڪ ڀيري مون شعر پڙهيو هو،
وقت جو حاڪم ڀڄندو آيو، جيڪو مون سان خوب وڙهيو هو،
تنهنجي عاشق صادق آهيان، تڏهن مـون تـي جيل مڙهيو هو.
ڪـهـوڻ ڀـڻـائـي تـون ٿـي چئـــ،
انصاف جو ڪهڙو ڳـهـنـڊ وڃايان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ پتائي مون کي توسان، دل جون ڳالهيون ڪرڻيون آهن،
ڪُهوڙ اسي ۽ ڪنوار ڏهن ۾، ڏرتي ڄايون پرڻيون آهن،
مال جي چوريءَ بعد به پاڪئي، ڏنڊ ۽ چٽيون پرڻيون آهن.
ڪُهوڙ پتائي تون ٿي چئه،
انصاف جو ڪهڙو ڳهنڊ وڄايان!

ڏرتيءَ جي جن ساک ڪنئي هئي، وقت جا تي ويا سي ته سلامي.
تنهن جو سنهن آ سنڌڙي جيجل، ڪرئي ناهي غير غلامي.
ڪوڙا عاشق ڪوڙا طالب، پرمٽ تي ٿي ويا وڪامي،
ڪُهوڙ پتائي تون ٿي چئه،
انصاف جو ڪهڙو ڳهنڊ وڄايان!

منشي، سيد جيل ۾ آهن، سچ چوڻ هت ڏوهه وڏو آ،
ڳالهه ڪرڻ اڄ قوم وطن جي، حاڪم چئي تو ڪم جڏو آ،
ڪيئن مڙي منصور او سائين، حق وارن جو هيءَ لڏو آ.
ڪُهوڙ پتائي تون ٿي چئه،
انصاف جو ڪهڙو ڳهنڊ وڄايان!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي آهيون، سنڌي يار!
پنهنجو ظالم سان تڪرار!

ون يونٽ جو ڪوٽ ويو ڪپجي، ظلم سندا زنجير ويا ڪٽجي.
ڏاڍ نہ رهيو، ويڙهو وڙجي، ظالم جو ويو نالو مٽجي.
جاڳيا جڏهين ٻيڙا ٻار، پنهنجو ظالم سان تڪرار.

سنڌي قوم کي گدڙ نہ سمجهو، جاڳيا جڏهن پاڻ کي جهلجو،
شير اٿي پيا، پنتي نہ هٽجو، ڪانئر پٽ ڏئي ڪينڪي ڀڄجو،
حساب وٺبو هڪ هڪ يار، پنهنجو ظالم سان تڪرار.

سنڌ خلاف جو قلم ڪٽي ٿو، ڪائي سنڌ جي گلا ڪري ٿو،
پنهنجي پير تي ڪات هڻي ٿو، پنهنجي ڪارڻ کڏ کٽي ٿو،
کڏ ۾ ڪرندو ٿيندو غار، پنهنجو ظالم سان تڪرار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئي ورهيه هي سور سٺاسين، نوڪرين تان هٿ ڪنياسين،
ٻنين تان ٻي دَخلُ ٿياسين، سڀ ڪجهه ڏيئي سبق سکياسين،
ظالم ڪيڙا ظلم هزار، پنهنجو ظالم سان تڪرار.

پنهن جي پيرن هلڻو پوندو، دودو ٻنجي رهڻو پوندو،
هر ظالم کي اڄ مرڻو پوندو، ديس نه هيڪل ڇڏڻو پوندو،
آهه اسانجو هي اقرار، پنهنجو ظالم سان تڪرار.

"مَلڪ" امڙ کي سر ڏينداسون، هوشو، هيمو سڀ ٿينداسون،
حق جو هوڪو ڏئي ويندا سون، مرڪي مقتل ۾ ايندا سون،
حيدر جا ٿي اڄ حبدار، پنهنجو ظالم سان تڪرار.

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

شهيد عبدالرزاق سومري جي حضور ۾

ڌرتيءَ کي او پوڄيندڙ ميان، توکي ڏاڍو ساريون وينا!
مان مٽيءَ جو ﷺ کيو اوچو، تنهنجي جوت جڳايون وينا!

پنهنجن ڏاڍا پور ڏنا هن، ڌارين پڻ آ ڪين ڪهنايو،
جر اکين مان جاري آهي، نيڻين نير وهايون وينا!

تنهنجو عزم هو ڏاڍو اوچو، تنهنجي همت جوان هئي،
عزم اهوئي دل ۾ سانڍي، ڏاڍ جو ڏونگر ڏاريون وينا!

ڏيهه ۾ جن ڏکار وڌو ۽ پياسي ٿيا هن پنهنجي رت جا،
موڙي اهڙا مات ٿين شل، ڌٽيءَ در ڀاڏايون وينا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت بهارن جا نہ وٺيا ۽ گيت گلن جا ڪونہ وٺياسين،
سانگيئڙن جا سور سيئي، واين ۾ ورجايون ويٺا!

تون مڙس هئين مهمير هئين، تون مانجهي مرد مٿير هئين،
تو روشن جيڪا شمع ڪئي سا خون جگر سان ٻاريون ويٺا!

پيسي تي ٿا ذهن وڪامن، ڪيڏي سوچ آ سستي تي وئي،
پنهنجن جا هي حال ڏسي پو ڳڻتين ۾ دل ڳاريون ويٺا!

نيٺ تہ ورندو واءُ سٺائو، سوڀ ملي "منصور" کي ويندي،
آس انهيءَ تي سومرا سائين، پنهنجو من پرڀايون ويٺا!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڪاليج پيارا، او ڪاليج پيارا.

ڏاڍو تون مونکي پيارو لڳين ٿو،
گلڙن کان وڌ تون نيارو لڳين ٿو،
آرڙهه ۾ تون چنڊ سيارو لڳين ٿو.
تنهنجي بدولت آهيون سگهارا.
او ڪاليج پيارا.

باغن جي سُرهي خوشبو سنگهان ٿو،
جوڙا سجوڙا، چوڌس ڏسان ٿو،
محبت جا منڙا نغما ٻڌان ٿو،
سرها هجن سڀ دل جا سچارا،
او ڪاليج پيارا.

ڪاليج ميوزيم، ڪينٽين ڇاهي،
هت ٻن دلين جو ته ميلاپ آهي،
سيڪو ڊسڪشن هال ڏانهن ڪاهي،
ڇاڇا ٻڌايان، رنگين نظارا.
او ڪاليج پيارا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪينٽين ۾ ٽي آڪڙيون ملن ٽيون،
فنتا ۽ ڪوڪا، ڏاڍيون وٽن ٽيون،
ڪئين قرب واريون ڳالهيون ٿين ٽيون،
آهن ساڻ نڪرن دل جا غبارا.
او ڪاليج پيارا.

معذرت سان ميڊم ڪي آئون چوان ٿو،
ٻئي هٿ ٻڌي هڪ، عرضڙو ڪيان ٿو،
ڪريو نہ ڪاوڙ پنهنجن ٻچن تي،
ڪريو پاس سڀ ڪي، عرض آ خدارا.
او ڪاليج پيارا.

توتي اسانکي صد ناز رهندو،
دنيا ۾ تنهنجو ٽي آواز رهندو،
انجام رهندو ۽ آغاز رهندو،
سندوءِ جا ساوا، رهن شل ڪنارا،
او ڪاليج پيارا.

هي گيت نوگيدر جي پارٽي ڏسين ٿو،
۽ پارٽيءَ ۾ ٻيو ڇا ڏسين ٿو پسين ٿو،
هيڏي آ جوبن ۽ هوڏي جواني،
ڪي "منصور" سمجهن پنهنجا اشارا.
او ڪاليج پيارا.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هائيڪا

چو ٿو تون چرڪين؟
سڀ ڪجهه توتان گهوريان،
مٺرا جي مرڪين.

●

لکيل خط منهنجو،
يارَا پڙهي ڦاڙي ڇڏيئه،
پيار عجب تنهنجو!

●

تنهنجو خط آيو،
چمي چشمن تي رکيم،
مون لئه سرمايو.

●

توکي پيار ڏنم،
دل جو تون آهين ڏاڻي،
رب جو آهه قسم!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاد نظم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ايڪسيڊنٽ!

هوءِ Drive ڪري،
نڪري پيئي،
۽ مون گاڏي موڙي-
گيٽ جي اندر-
گاڏيون بيٺي-
آمهون سامهون،
بلڪل ويجهو-
بمپر بمپر سان
ائين جيئن-
پريمي جوڙي جو-
نڪ نڪ سان!!
بتيون بتين سان -
ائين جيئن-
اکيون اکين سان!!
مونڊانهن نهاري،
صحيح سجائي،
کلندي کلندي،
گاڏي موڙي،
پاڻ سنيالي،
مهنجا سپنا
ساڻ کڻي وئي
منهنجا رستا جام ڪري وئي!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئي امڙ جيئي سنڌو!

تو سڄڻ،
هي ڇا چيو!!
ته
جيئي سنڌ جو
ڏيان ڇڏي نعرو هڻڻ!
افسوس تنهنجي سمجهه تي،
تنهنجي عقل کي جس هجي!
شابس هجي!
آخر ڪار هي
توکي ڇا ٿي ويو
اڄ پر ته اهڙو ڪين هئين!
تون مڙس هئين
مانجهي هئين!
تو جيل جون ڪوٺيون ڏٺيون هيون
سنڌڙي لئه،
سنڌ جيجل ماءُ لئه!
اڄ پر ته ساٿي!
سنڌ جا نعرا هڻائيندو هئين
"جيئي امڙ" چوندو هئين،
تون جوش ڏياريندو هئين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غيرت ڏياريندو هئين!
پر!!
ڇا ڇوان
اڄ توکي ھي ڇا ٿي ويو
ھي جلدي ڦيرو!!
ھاڻ مان سمجھي ويس
تو ماءُ سان پنھنجو پراڻو
قول پاڙيو ڪينڪي!
آزل ڪان
قائم رھڻ واري "امڙ" کي
مستقل زنده رھڻ واري امڙ کي
تو ڇڏيو آھي وساري،
صرف پنھنجي فائدي لئہ!
چند سِڪن جي عيوض
۽ چند ٽڪن جي عيوض
اڄ خوب تون نعرا ھڻي
ھڪ شخص کي جيارين پيو!
افسوس صد افسوس تنھنجي حال تي!
ٻڌ!
ھاڻ تنھنجي واٽ ٻي آ
۽ اسانجي راه ٻي آ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاڻ پنهنجي قرب جو،
رشتو ٽٽل آ.
پر ياد رکجان
ڳالهہ منهنجي هيءَ تون
دنيا سدا رهڻي نہ آ
پر سنڌڙي آهي امر!
زنده سدا رهندي پئي،
جڳ جڳ امرَ جيئندي پئي.
اَي دوست!
تون مونکي نہ جهل
مونکي نہ روڪ
سنڌ جو نعرو هڻان!
سؤ سؤ دفعا چوندو رهان
"جيئي امرَ، جيئي سنڌو"
جيئي سنڌو، جيئي امرَ!
جيئي سدا سنڌڙي امرَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڊاڙو

اسپتال ۾ ٽي وي،
هلي رهي آهي.
مريضن لاءِ،
ويٺا آهيون ڊاڪٽر ۽ نرسون،
پروگرام "گيت مالا"
ڏسڻ ۾ رڌل!
هڪ مريض-
جنهنجو پير آهي وڍيل
ريڙهيون ڏيندو
اچي ويٺو آ
منهنجي اڳيان
نه ڄاڻ ڇو
ٻچان ٿي لڳيم!

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڊاڪٽرن منهنجي درد جو!

ڀاءُ منهنجي ڪي
دل جو دورو
آهي ڳورو
اسپتال پهچون ٿا
ڊوڙي ڊوڙي
ڊاڪٽر نرسون
لڳي وڃن ٿا!
علاج ڪرڻ ۾-
مونکي ڏين ٿا.
لکي سئي هڪ.
جنهنجو نالو آ
Strepto- Kinase
عام انکي
S.K چون ٿا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آلدي مون جا
چئين هزارين
خاص ڊرپ ۾
وڏائون جهڪا
ليبل ڪيائون
اسٽڪنگ پلاسٽر تي
لکي S.K
....
وڏي نقصان کان
بچي ويوآ
مونکي چيائون
حياتي هن کي
وري ملي آ
وقت تي S.K
لکي وئي آ
آئون پڇان ٿو
------- S.K ڇاهي؟
هارٽ اٽيڪ ۾
زندگي بچائيندڙ
دعا جهڙي هي دوا آ.
آئون سوچيان ٿو
مونکي به نه هڪڙيءَ ايس .ڪي
بخشي آهي نئين حياتي .
۽ پوءِ ڊرپ تان لاهي
ليبل S.K
ڪارپنهنجي جي .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊيش بورڊ تي
مون آ لڳايو.
دوست ڪار ۾-
ويهندي لهندي،
پڇيو وٽن تا.
S.K چاهي؟
مان مرڪان ٿو
لنوائي چڙيان ٿو
دل ۾ سوچان ٿو
(لوڪ ڇا چائي؟)
ها!!!
مان چاڻان ٿو!!
ايس . ڪي ڇاهي؟
ايس .ڪي منهنجي حسرت آهي
اهائي منهنجي،
پهرين خواهش
آخري خواهش
ها
ايس.ڪي منهنجي آهي محبت!

❑

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قطعات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

ڀين ڪي ڦمن ڪان ڇڏائي ڇڏيوسين،
۽ آرام پنهنجو ڦٽائي ڇڏيوسين.
نہ ٿيو وقت ساٿي تہ پرواهہ ناهي،
پنهنجو ساٿ پيارا نڀائي ڇڏيوسين.

●●●

وساري ڇڏيو تو، وساريان نٿو مان،
ڌڪاري ڇڏيو تو، ڌڪاريان نٿو مان.
ڏنم دلڙي توکي، وري غير ڏي اڄ،
ڪٿي اک پنهنجي، نهاريان نٿو مان.

●●●

اچا يار جڳ ۾ جيئڻ گهرين ٿو،
وري راند هاريل تون جيتڻ گهرين ٿو،
مدهوشيءَ ۾ چاچا نہ ڪيڏڻ گهرين ٿو،
تون خالي اچا جام پيئڻ گهرين ٿو.

●●●

محبت ڪري پوءِ ڊڄڻ آهہ ڪهڙو،
جي ڦاٿو تہ ڦٿڪڻ، ڇڄڻ آهہ ڪهڙو،
جي "منصور" آهيو، تہ ڦاسي سڄايو،
لڪي گهر ۾ نعرو هڻڻ آهہ ڪهڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وعدا پنهنجا پاريندا سين،
سنڌي ٻولي جياريندا سين.
ڪير اسانجي راهہ جهليندو،
غدارن کي ماريندا سين.

●●●

هاري پورهيت جياريندا سين،
وعدو سنڌ سان پاريندا سين.
جيڪي دشمن، پنهنجا آهن،
ٻارڻ تن لئہ ٻاريندا سين.

●●●

سنڌي پنهنجي ٻولي ٿيندي،
سنڌواسين جي لولي ٿيندي.
آهي پنهنجو عزم اهوئي،
حق جي خاطر هولي ٿيندي.

●●●

هڪڙو ڪِنُ ڪنداري وچ،
محبت جو مچ ٻاري وچ.
عرض ڪيو تہ ننڍڙو سائين،
منهنجو اڱڻ اجاري وڃ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ وطن سان الفت منهنجي،
ڌيرن سان آ ڪلفت منهنجي،
هر سنڌيءَ سان پيار ڪريان ٿو،
پنهنجن ڏي آ رغبت منهنجي.

•••

پنهن جن سان پيار ڪريان ٿو،
ڌيرن سان تڪرار ڪريان ٿو،
سنڌ ۾ ڌاريا ڇالييا تن جي،
مارڻ جو اقرار ڪريان ٿو.

•••

سنڌ ۾ سڀئي سنڌي آهيون،
پنهنجن سان ٿا ليڻهن لپايون،
دشمن جي لئه ڀارڻ ڀاريون،
سنڌ مان ڌير غدار ڀڄايون.

•••

امرتا ڏني آهه، سهڻيءَ گهڙي کي،
اهو ڪيئن سمجهايون هن ٻي وڙي کي،
دفن ٿيل هي سڀ ڪجهه هو تهذيب سنڌ جي،
اجاگر ڪيو ٿئون موهن جي دڙي کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڃا تون ڀاڱي ڪيسين پيو ڌاريون سڏائيندين،
وطن سنڌ ۾ رهي، سنڌي سڏائڻ عيب سمجهين ٿو!
اگر سنڌ ۾ اٿئي رهڻو ته سنڌ کي ڳاءِ، سنڌي ٿي،
عجب آ سنڌ جو کائي، تون ڳائڻ عيب سمجهين ٿو!

•••

گهڻا ئي ڏينهن من مستيون ڪئي خاموش رهياسون،
اڙي موڳا توکي مهمان سمجهي ڪين ڪڇياسون،
چيوسين نيڪ ٿي ويندين، مگر نيمڪ حرام آهين،
نه تنهنجي دال ڳرندي جي ڪري للڪار اٿياسون.

•••

بي دردن سان درد نه ونڊجي، بهتر ڳالهه!
بي سمجهن سان ڳالهه نه ڪجي، بهتر ڳالهه!
ڪيڏا ڇُوها، ڪيڏا پربت، ڏني پون،
سچ ۽ حق جي راه نه ڇڏجي، بهتر ڳالهه!

•••

علمبردار لڪري پيا وري تهذيب ٻهراڙي،
لٽي ڪپڙي ڏسو تنکي، پيا ڪن عيش منجهه ماڙي،
ٻڌايو فعل ۾ پورا نٿا نڪرو، اڃا تائين!
اگر دل سان لڳنه شايد وڃائين پيو تڏهن تاڙي.

□

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ ادبي اڪيڊميءَ جا ڇپيل ڪتاب
گڏيل ڪتاب وٺڻ سان رعايت

1.	سانجهي سمنڊ سپون	شيخ اياز	125-00
2.	ڪتين ڪر موڙيا جڏهن-3	شيخ اياز	100-00
3.	ادبي تنقيد، فن ۽ تاريخ	ڊاڪٽر فهميده حسين	100-00
4.	وڏا وڻ وڻڪار جا	شيخ اياز / تاجل بيوس	100-00
5.	وڏي وٿ هنام	ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي	100-00
6.	ڪٿي نه پيچبو تڪ مسافر-3	شيخ اياز	120-00
7.	جي تند برابر توريان	شيخ اياز	100-00
8.	ڪبير	نارائڻ شيام	40-00
9.	شاهه جي شرح	فقير يار محمد	80-00
10.	تيرهون سج	امرتا پريتم/ستار	70-00

گهرائڻ لاءِ پتو:

سنڌ ادبي اڪيڊمي
مزنين فلور، پارس ميڊيڪل سينٽر،
فيصل پلازه، مبارڪ شهيد روڊ،
ڪراچي.
فون: 7782597

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الا مان آڏري ويندو سان ۽ * منصور ملڪ * ڪتاب 11 * سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي



فقير طبيعت، معصوم، پيدائشي صوفي لا ڪوفي، سنڌس موجود گي ۽ ڪچهري ۾ عجيب سرور، گڏ هجي تہ زمان ۽ مڪان جو احساس ئي نہ رهي. شاعري ۾ مان سنڌس سادگي، معصوميت، بي ساختگي، سچائي ۽ عاشقي جهلڪي پئي.

- ڊاڪٽر سليمان سولنگي

سڃاڻپ

- نالو: ڊاڪٽر عبدالقيوم ولد حاجي ماستر محمد بچل ملڪ
- ادبي نالو: منصور ملڪ
- جنم جو هنڌ: ڳوٺ عيدن شهر ضلع نوشهرو فيروز ،سنڌ
- جنم جي تاريخ: 25 مارچ 1952ع
- علمي لياقت: (1) M.B.B.S - 1978ع
  لياقت ميڊيڪل ڪاليج ڄامشورو/ حيدر آباد
  (2) Ph.D - 1985ع تاشقند اسٽيٽ ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ - USSR

ملازمت: سينيئر اينيسٿيٽسٽ - سوڀراج ميٽرنٽي هوم، K.M.C، ڪراچي.

ڪتاب: ڀھريون

پتو: A-410 ، رينو سينٽر، رينڊل روڊ ، نزد انڪل سريا اسپتال، ڪراچي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڪِڙ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڃوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سڀني وچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پـَنَ) ڪا بـ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بـ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نـ آهي. جيڪڏهن ڪو بـ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تـ پَڪَ ڄاڻو تـ اُهو ڪُوڙو آهي. نـ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تـ پَڪَ ڄاڻو تـ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. پين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تـ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نـ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تـ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نـ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليڳڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڊِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ "منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book